
# مائة عشر كامل في مناقب

# علي ابن ابي طالب

عليه السلام



مؤلف


حضرت قبلہ پیر طریقت عالم باعمل مفتي

## سيد محمد طيب شاہ جيلاني

درگاہ عاليہ شہباز پور شريف جيكب آباد

خاص بمكتبة
الروضة الحيدرية
من العبد المقصر
الى رحمة الله
وشفاعة اهل بيت

[illegible]

٢٥ جمادة الاولى
١٤٣٦ هـ

بسم الله الرحمن الرحيم

مكتبة الروضة الحيدرية
الرقم/ [illegible]
التاريخ/ ٤/٢/٢٠١٥

# مائة عشر كامل

## في مناقب

# سيدنا علي ابن ابي طالب

پوريون سئو ڏهه ( حديثون )

اسانجي سردار حضرت علي ابن ابي طالب كرم الله وجهه

جي شان ۾

مؤلف

سيد محمد طيب شاه جيلاني عفي الله عنه

# الانتساب

نهايت سڪ، سوز ۽ دل جي گهراين سان آئون پنهنجي هي ٿورڙي محنت پنهنجي مرشد مربي جي نامر نامي اسمر گرامي حضرت الحاج **سيد محمد جيئل شاه** جيلاني مدظلہ العالي ڏانهن منسوب ڪيان ٿوجن جي زندگي وفا، اخلاص، صداقت ۽ سچائي جومڪمل نمونوآهي.

شال! الله رب العالمين پنهنجي حبيب ڪريمﷺ جي صدقي منهنجي ڪريمر مرشدن کي خضري حياتي ۽ صحت سلامتي عطاء فرمائي سندن جي فيوضات کي تاقيامت جاري ساري فرمائي ۽ اسانکي سندن جي فيوضات مان مستفيض فرمائي. آمين ثمر آمين.

ڍولي ڍڪي آهيان ، هُيس اُگهاڙي
ڏيئي لڪ لاڙي ڪڪر ڪيائين ڪاڪ جو

**گرقبول افتد زهي عز و شرف**

العباد الفقير الي مولاه الغني
سيد محمد طيب شاه جيلاني

# ( ٻه اکر)

الحمد الله ﷻ صاحبزاده سائين محمد طيب شاه جيلاني جن جي ننڍڙي عمر ۾ اهڙي املهه سوچ فکر ۽ گوناگون محنت کي ڏسي دل کي بيحد خوشي ٿي بخدا حضرت مولا علي شير خدا جي محبت خود خدا ۽ سندس پياري حبيب ڪريم ﷺ جن جي محبت دين ودنيا جي ڀلائي ۽ آخرت ۾ ڇوٽڪاري جو وسيلو آهي لک رحمتون ۽ برڪتون هجن صاحبزادي سائين جن جي محبت علم ۽ عقل سليم تي جن حضرت مولا علي شير خدا جي شانِ اقدس ۾ ايتريون حديثون نهايت صاف سلوني ٻولي ۾ سو ٻه واضع دليلن سان سموهي سينگاري عاشقن جي دلين جي تسڪين خاطرخدمت ۾ پيش ڪيون آهن انهي ڇوڻ ۾ هرگز ڪوواڌاءُ نه ٿيندو ته هن صاحبزادي حضرت مولا علي شير خدا جي محبت واري ڪاڻ جي دروازي جو قلف ڪولي مٽس بيهاريو آهي شايد اهڙو خير انديش ڪنهن کي نه مليو ۽ نه ملي سگهي بيشڪ هي ڪتاب حديثن جو گلدستو صاحبِ علم ۽ عاشقن لاءِ مشعلِ راه ۽ پٽڪيل خيالن لاءِ راه هدايت ثابت ٿيندو.

ڏٽي در دعاگو آهيان ته شال خدا وند ڪريمﷻ مهلبي محمد ڪريم ﷺ جن جي منهنجي آقا و مولا جي فرزندنِ ارجمندن کي ڏِڻ ڏگني ۽ رات چوڳني عشق رسول ﷺ ۾ سرشارڪري ۽ وڏي فيض وارو ڪرڻ فرمائي جن جي فيض ۽ برڪت مان تمام امت حبيب ڪريمﷺ بلڪي تمام مخلوق خداﷻ تا قيامت سيراب ٿيندي رهي سندن فيض جو چو ڀول ملڪان ملڪ مشهور ومقبول ڪرڻ فرمائي.

آمين

فقط

ڊاڪٽر محمد بخش ٻومڪي

سگ درگاه شهباز پور شريف جيڪب آباد

# پنهنجي پاران

الحمد لله رب العالمين والصلوٰة وسلام علىٰ اشرف الاولين والآخرين سيدنا ومولانا محمد وعليٰ آلہٖ واصحابہٖ اجمعين امابعد...............

پوري دنياء جي اندر سيدنا علي المرتضيٰ شيرخدا كرم الله وجهه الكريم جي شخصيت نهايت عزت عظمت واري آهي. پاڻ رب پاڪ جو محب به آهي ته محبوب به آهي سچو عابد به آهي، ڪامل زاهد به آهي جنهن کي سرڪار مدينهﷺ جن علم جي شهر جو دروازوقرار ڏنو پاڻ هدايت جو جهنبو آهن، اطاعت ڪندڙن جو نور آهن، پرهيزگارن جا امام آهن، خائفن جا پيشوا آهن، عادلن جا سردار آهن، مومنن جا مهندار آهن، سالڪن جا سربراه، ايمان ۽ اجابت ۾ پيش قلمي ڪندڙ، يقين حلم ۽ فياضي ۾ اعليٰ، عارفن جي سونهن، صابرن جو سينگار، توحيد جي حقائق کان باخبر، علم تفريد جي انوارجو محور ۽ مرڪز، عقلمند دل جو صاحب، واعدا وفا ڪندڙ، الاهي احڪامن جو مطيع، وڏي طاقت وارو، نهايت بلند درجي جو پهلوان، شهنشاه تصوف، فيوضات رباني جو بيڪنار، بحر عشق خدا ۽ محبت رسول ﷺ جومنبع ۽ مخزن ياد خدا ۾ محو، ذاڪر، شاڪر، ساجد ،زاهد، عابد سهڻي نبيﷺ جو پروانو، ادب ۽ احترام رکندڙ، محنت کي عيب نه سمجهندڙ، معاشي ضرورت جي لاءِ پورهئي ڪرڻ کان نه ڪيٻائيندڙ، عابدن جو زيب، زاهدن جي زينت، علم معرفت جو ماهر، حقيت جو هادي، طريقت ۾ طره امتياز رکندڙ، شريعت جون چوليون هڻندڙ، بغض ۽ ڪيني، عداوت واري دل کان پاڪ، سيني جو ڪشادو ۽ صاف وَالْكَاظِمِينَ الْغَيْظَ تي عمل ڪري ڪاوڙ ڪائيندڙ، وَالْعَافِينَ عَنِ النَّاسِ تي عمل ڪري خريد ڪيل غلامن کي آزاد ڪندڙ، وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِينَ تي عمل ڪري انهن تي احسان ڪندڙ، وَجَاهِدُوا فِي اللّٰهِ حَقَّ جِهَادِهٖ تي عمل ڪري جهاد جا ميدان مڙسيءَ سان ملهائيندڙ، خيبر جوفتح ڪندڙ، هرجنگ ۾

اسلام جو جهنبو ڪٽندڙ، سرورڪائنات جو سڳو سئوٽ سَيِّدَةُ نِسَاءِ اَهْلِ الْجَنَّةِ جوگهوٽ، حسنين ڪريمين عليهما السلام جن جو والد سڳورو، سخي ۽ نهايت ڪمال جوصاحب آهي.

مون گنهگار جي دلي خواهش هئي تہ مستند صحيح حديثون معتبر ڪتابن مان حوالن سان بغير ڪنهن پنهنجي طرفان ڪيل وضاحت جي حديث جا لفظ ۽ انهن جو صحيح ترجمو سنڌيءَ زبان ۾ شهنشاه مولا علي المرتضىٰ شيرخدا جي فضا ئل ۾ لکان ۽ سندن جي سچن شيدا ئين خاص محبن ۽ نجن نوڪرن ۾ پنهنجو نالو لکايان الحمد لله جو اها اندر جي آرزو پوري ڪندي اسم علي جي عددن مطابق هڪ سؤ ڏهہ (110) حديثون گڏائي هي مختصر مگر جا مع ڪتاب نالي **مائة عشر ڪامل في مناقب سيدنا علي ابن ابي طالب** لکي پيارن دوستن ۽ بزرگن جي خد مت ۾ پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان شال رب العزت مون گنهگار جي هن محنت کي قبول فرمائي ۽ آينده جي لا ۽ بہ اهڙيون خدمتون نصيب فرمائي.

آمين.

يا رب العالمين بحرمت النبي الامين عليه وعلىٰ آله الصلوٰة والتسليمات الى يوم الدين

العباد الفقير

سيد محمد طيب شاه جيلاني عفي الله عنہ

مهتمم

دار العلوم انوار محمديہ جيلانيہ

دربار عاليہ شهباز پور شريف جيڪب آباد

# منقبت شان علي کرم اللہ وجہہ

میرا شافی قیامت میں علی شیر خدا ہو گا
حسن والے کوثر شہیدے کربلا ہو گا

مصیبت سر پہ گر آوے نجف کی طرف منہ کر کے
پکارو دل جان سے تم علی مشکل کشا ہو گا

نہیں جنت کی کچھ حاجت فقط دیدار کافی ہے
خدا کے روبرو جاکر میرا یہ التجا ہو گا

علی با المقابل کوئی نہ آتا جنگ میں ہر گز
لگے ایک ضرب حیدر کی تو سر دھڑ سے جدا ہو گا

کرے عبدالغفار ان کے قدم کی خاک آنکھوں میں
زہے قسمت اگر حاصل میرا سبھ مدعا ہو گا

# منقبت مرشد ڪريم

ٽلھ: چئو جيلاني مرشد منهنجا مرشد محمد جيئل شاھ
محمد جيئل شاھ، آهي راضي تو تي الله،

(1) ڀاڳ وندا تون آهين ڀلارو ٿرن برن ۾ تنهنجو آ نعرو
دلبر تو ڪي دين آ پيارو، مالڪ مليو آن ماھ،

(2) صاحب آن سائين صورت وارا قدم قدم ٿي برڪت وارا،
راھ ۾ رهبر پير پيارا، وارث مليو آن واھ،

(3) راتو ڏينهان تات آ تنهنجي، وائي سڄڻ سائين وات آ تنهنجي،
محب مٺي م لاقات آ تنهنجي، پورن ڪيو آ پاھ،

(4) وارث وڳڻ چئي مان آهيان اياڻو منهنجو نہ ٿهندو توسان ماڻو،
سڳ آ توسان پاڻ آن سياڻو، ڪيو ٽلهيءَ سان ٺاھ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

اللٰهم صل علٰي سيدنا محمد وعلٰي آل سيدنا محمد وبارک وسلم

1. عَنْ سَعْدِ بْنِ أَبِيْ وَقَّاصٍ رضى الله عنه قَالَ : لَمَّا نَزَلَتْ هَذِهِ الْآيَةُ (فَقُلْ تَعَالَوْا نَدْعُ أَبْنَآءَ نَا وَ أَبْنَآءَ كُمْ) آل عمران : 61، دَعَا رَسُوْلُ اللهِ صلى الله عليه وآله وسلم عَلِيًّا وَ فَاطِمَةَ وَ حَسَنًا وَ حُسَيْنًا فَقَالَ : اللَّهُمَّ هَؤُلَاءِ أَهْلِيْ. رَوَاهُ مُسْلِمٌ وَ التِّرْمِذِيُّ. وَ قَالَ التِّرْمِذِيُّ : هَذَا حَدِيْثٌ حَسَنٌ.

حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه بيان ڪري ٿو ته جڏهن آيتِ مباهله ”(فَقُلْ تَعَالَوْا نَدْعُ أَبْنَآءَ نَا وَ أَبْنَآءَ كُمْ) محبوب توهان فرمايو اسان پنهنجن پٽن کي سڏايون ٿا توهان پنهنجن پٽن کي سڏايو“ نازل ٿي ته حضور نبيِ اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن حضرت علي، حضرت فاطمه، حضرت حسن ۽ حسين عليهم السلام جن کي سڏايو، پوءِ فرمايائون : يا الله! هي منهنجا اهل بيت آهن .“ ان حديث کي امام مسلم ۽ ترمذي روايت ڪيو آهي ۽ امام ترمذي فرمايو ته هي حديث حسن آهي .

هيءَ حديث ڇهن ڪتابن ۾ موجود آهي

1- صحيح مسلم شريف ، ڪتاب فضائل الصحابة، باب : من فضائل علي بن أبي طالب رضي الله عنه،ج 4 ص 1871، حديث نمبر: 2404،

2- ترمذي شريف، ڪتاب تفسير القرآن عن رسول .الله صلي الله عليه وآله وسلم، باب و من سورة آل عمران، ج5 ص 225، حديث نمبر: 2999، ۽ ترمذي شريف ڪتاب المناقب عن رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم ، باب : (21)،ج 5 ص 638 حديث نمبر: 3724،

3- أحمد بن حنبل، المسند،ج 1 ص 185، حديث نمبر: 1608،

4- بيهقي، السنن الڪبرٰي،ج 7 ص 63، حديث نمبر: (13169 - 13170)،

5- نسائي، السنن الڪبرٰي،ج 5 ص 107، حديث نمبر: 8399،

6- حاڪم، المستدرڪ،ج 3 ص 163، حديث نمبر: 4719.

2. عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ رضى الله عنه : أَنَّ رَسُوْلَ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم كَانَ يَمُرُّ بِبَابِ فَاطِمَةَ سِتَّةَ أَشْهُرٍ إِذَا خَرَجَ إِلَي صَلَاةِ الْفَجْرِ،

يَقُوْلُ : اَلصَّلَاةَ! يَا أَهْلَ الْبَيْتِ (إِنَّمَا يُرِيْدُ اللهُ لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ أَهْلَ الْبَيْتِ وَ يُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيْرًا) رَوَاهُ التِّرْمِذِيُّ. وَ قَالَ هٰذَا حَدِيْثٌ حَسَنٌ.

حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ ڇهن (6) مهينن تائين حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن جو هي معمول رهيو جوجڏهن فجرنماز لاءِ نڪرندا هئا تہ حضرت فاطمہ سلام الله عليها جن جي دروازي وٽان گذرندي فرمائيندا هئا : اي اهل بيت! نماز قائم ڪيو (۽ هيءَ آيت مبارڪ پڙهندا هئا). . . (إِنَّمَا يُرِيْدُ اللهُ لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ أَهْلَ الْبَيْتِ وَ يُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيْرًا) اي اهلِ بيت! الله تہ اِهوچاهي ٿو جوتوهان کان (هر طرح جي ) آلودگي دُور ڪري ۽ توهان کي خوب پاڪ ۽ صاف ڪري ڇڏي. ان حديث کي امام ترمذي روايت ڪيو آهي ۽ امام ترمذي فرمايو تہ هي حديث حسن آهي .

هيءَ حديث ستن ڪتابن ۾ موجود آهي

1- ترمذي شريف ، ڪتاب التفسير، باب ومن سورة الاحزاب،ج 5 ص 352، حديث نمبر : 3206،

2- أحمد بن حنبل، المسند، ج3 ص 259، 285،

3- حاڪم، المستدرڪ،ج 3 ص 172، حديث نمبر : 4748،

4- أحمد بن حنبل، فضائل الصحابہ،ج 2 ص 761، حديث نمبر : 1340، 1341،

5- ابن أبي شيبہ، المصنف،ج 6 ص 388، حديث نمبر : 32272،

6- شيباني، الآحادو المثاني، ج5 ص 360، حديث نمبر : 2953،

7- عبد بن حميد، المسند :ص 367، حديث نمبر : 1223.

3. عَنْ أَبِيْ سَعِيْدٍ الْخُدْرِيِّ رضى الله عنه فِيْ قَوْلِهٖ تَعَالٰي : (إِنَّمَا يُرِيْدُ اللهُ لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ أَهْلَ الْبَيْتِ) قَالَ : نَزَلَتْ فِيْ خَمْسَةٍ : فِيْ رَسُوْلِ اللهِ صلى الله عليه وآله وسلم، وَ عَلِيٍّ، وَ فَاطِمَةَ، وَالْحَسَنِ، وَ الْحُسَيْنِ رضى الله عنهم. رَوَاهُ الطَّبَرَانِيُّ فِي الْمُعْجَمِ الْأَوْسَطِ

حضرت ابوسعيد خدري رضي الله عنه فرمانِ خداوندي : (إِنَّمَا يُرِيْدُ اللهُ لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ أَهْلَ الْبَيْتِ وَ يُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيْرًا)“ اي اهلِ بيت! الله تہ اِهوچاهي ٿو جوتوهان کان (هر طرح جي ) آلودگي دُور ڪري ۽ توهان کي خوب پاڪ ۽ صاف ڪري ڇڏي ”جي باري ۾ چيائين تہ هي آيت مبارڪ

پنجتن جي حق ۾ نازل ٿي آهي؛ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم ، حضرت علي، حضرت فاطمه، حضرت حسن ۽ حضرت حسين رضي الله عنهم جي حق ۾ ، ان حديث کي طبراني "المعجم الاوسط" ۾ روايت ڪيو آهي .

هيءُ حديث ڇهن ڪتابن ۾ موجود آهي

1- طبراني، المعجم الاوسط،ج 3 ص 380، حديث نمبر: 3456،
2- طبراني، المعجم الصغير،ج 1 ص 231، حديث نمبر: 375،
3- ابن حيان، طبقات المحدثين باصبهان،ج 3 ص 384،
4- خطيب البغدادي، تاريخ بغداد،ج 10 ص 278.

4. عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ رضي الله عنهما. قَالَ : لَمَّا نَزَلَتْ هَذِهِ الآيَةُ : (قُلْ لاَّ أَسْئَلُكُمْ عَلَيْهِ أَجْراً إِلاَّ الْمَوَدَّةَ فِيْ الْقُرْبىٰ) قَالُوْا : يَا رَسُوْلَ اللهِ صلى الله عليه وآله وسلم ! مَنْ قَرَابَتُکَ هٰؤُلَاءِ الَّذِيْنَ وَجَبَتْ عَلَيْنَا مَوَدَّتُهُمْ؟ قَالَ : عَلِيٌّ وَ فَاطِمَةُ وَابْنَاهُمَا. رَوَاهُ الطَّبَرَانِيُّ فِي الْمُعْجَمِ الْکَبِيْرِ.

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان مروي آهي ته جڏهن هي آيت نازل ٿي. (قُلْ لاَّ أَسْئَلُكُمْ عَلَيْهِ أَجْراً إِلاَّ الْمَوَدَّةَ فِيْ الْقُرْبىٰ) اي محبوب!( صلي الله عليه وآله وسلم) فرمايو ته مان توهان کان صرف پنهنجي قريبن سان محبت ڪرڻ جو سوال ڪيان ٿو" صحابه ڪرام رضوان الله عليهم عرض ڪيو يا رسول الله!( صلي الله عليه وآله وسلم) توهان جا قريب ڪير آهن جن جي محبت اسان تي واجب ڪئي وئي آهي؟ پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو. علي(ڪرم الله وجهه)، فاطمه (سلام الله عليها)، ۽ انهن جا ٻئي فرزند (حسن (عليہ سلام)؛ حسين(عليہ سلام). ان حديث کي طبراني " المعجم الڪبير" ۾ روايت ڪيو آهي .

هيءُ حديث ٻن ڪتابن ۾ موجود آهي

1- طبراني، المعجم الکبير،ج 3 ص 47، حديث نمبر: 2641،
2- هيثمي، المجمع الزوائد،ج 9 ص 168.

5. عَنِ الْعَبَّاسِ بْنِ عَبْدِ الْمُطَّلِبِ رضي الله عنه قَالَ : قُلْتُ : يَارَسُولَ اللهِ، إِنَّ قُرَيْشًا إِذَا لَقِيَ بَعْضُهُمْ بَعْضًا لَقُوهُمْ بِبَشْرٍ حَسَنٍ، وَإِذَا لَقُوْنَا لَقُوْنَا بِوُجُوهٍ لاَ نَعْرِفُهَا. قَالَ : فَغَضِبَ النَّبِيُّ صلي الله عليه وآله وسلم غَضَبًا شَدِيْداً، وَقَالَ : وَالَّذِي نَفْسِي بِيَدِهِ لاَ يَدْخُلُ قَلْبَ رَجُلٍ الإِيْمَانُ حَتَّي يُحِبَّكُمْ لِلّهِ وَلِرَسُوْلِهِ وَ لِقَرَابَتِي. رَوَاهُ أَحْمَدُ وَالنَّسَائِيُّ وَالْحَاكِمُ وَالْبَزَّارُ. و في رواية : قَالَ : وَاللهِ، لَا يَدْخُلُ قَلْبَ امْرِيءٍ إِيْمَانٌ حَتَّي يُحِبَّكُمْ لِلّهِ وَلِقَرَابَتِي.

حضرت عباس بن عبدالمطلب رضي الله عنهما کان مروي آهي تہ مان بارگاهِ رسالت صلي الله عليه وآله وسلم ۾ عرض ڪيو : يا رسول الله!(صلي الله عليہ وسلم) قريش جڏهن هڪ ٻئي سان ملن ٿا تہ کلندڙ چهرن سان ملن ٿا ۽ جڏهن اسان سان ملن ٿا تہ اهڙن چهرن سان ملن ٿا جو اسان نٿا سڃاڻيون انهن جي چهري کي(يعني انهن جي چهري جو رنگ ڦري ٿووڃي) حضرت عباس (رضي الله عنہ) فرمائي ٿو: حضور نبي اکرم صلي الله عليه وآله وسلم جن اهو ٻڌي ڪري شديد جلال ۾ اچي ويا ۽ فرمايائون : مون کي ان ذات جو قسم! جنهن جي قبضہ قدرت ۾ منهنجي جان آهي ڪنهن بہ شخص جي دل ۾ ان وقت تائين ايمان داخل نہ ٿيندو جيستائين اهو الله تعاليٰ ۽ انجي رسول صلي الله عليه وآله وسلم ۽ منهنجي قرابت جي خاطر توهان سان محبت نہ ڪري.” ان حديث کي امام احمد، نسائي، حاڪم ۽ بزار روايت ڪيو آهي.

هڪ روايت ۾ پاڻ صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو: خدا جو قسم ڪنهن کي بہ دل ۾ ان وقت تائين ايمان داخل نہ ٿيندو جيستائين اهو الله تعاليٰ ۽ منهنجي قريب هجڻ جي وجهہ سان توهان سان محبت نہ ڪري.

هي۽ حديث ڇهن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. أحمد بن حنبل، المسند،ج 1 ص 207، حديث نمبر : 1772، 1777، 17656، 17657، 17658،
2. حاڪم ،المستدرڪ، ج3 ص 376، حديث نمبر: 5433، 2960،
3. نسائي، السنن الڪبريٰ، ج5 ص 51 حديث نمبر : 8176،
4. بزار، المسند، ج6 ص 131، حديث نمبر : 2175،
5. بيهقي، شعب الايمان، ج2 ص 188، حديث نمبر : 1501،
6. ديلمي ، مسند الفردوس،ج 4 ص 361، حديث نمبر: 7037.

6. عَنْ أَبِي سَعِيْدٍ الْخُدْرِيِّ رضي الله عنه قَالَ : سَمِعْتُ النَّبِيَّ صلي الله عليه وآله وسلم يَقُوْلُ عَلَي هَذَا الْمِنْبَرِ : مَا بَالُ رِجَالٍ يَقُوْلُوْنَ : إِنَّ رَحِمَ رَسُوْلِ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم لاَ تَنْفَعُ قَوْمَهُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ، بَلَي وَاللهِ، إِنَّ رَحِمِي مَوْصُوْلَةٌ فِي الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ. وَأَنِّي أَيُّهَا النَّاسُ، فَرَطٌ لَكُمْ عَلَي الْحَوْضِ فَإِذَا جِئْتُمْ قَالَ رَجُلٌ : يَا رَسُوْلَ اللهِ، أَنَا فُلَانٌ بْنُ فَلَانٍ وَقَالَ : يَتَحَقَّقُ أَنَا فُلَانٌ بْنُ فُلَانٍ وَ قَالَ لَهُمْ : أَمَّا النَّسَبُ فَقَدْ عَرَّفْتُهُ وَ لَكِنَّكُمْ أَحْدَثْتُمْ بَعْدِي وَ أَرْتَدَدْتُمْ الْقَهْقَرِيَّ. رَوَاهُ أَحْمَدُ وَ الْحَاكِمُ.

حضرت ابوسعيد خدري رضي الله عنه بيان ڪري ٿو ته مون حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن کي هن منبر تان فرمائيندي ٻڌو انهن ماڻهن جو ڇا حشر ٿيندو جيڪي چون ٿا ته حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن سان نسبي تعلق قيامت جي ڏينهن انهن جي قوم کي ڪوبه فائدو نه ڏيندو. چونه فائدو ڏيندو! الله جوقسم بيشڪ منهنجو نسبي تعلق دنيا و آخرت ۾ ڳنڍيل آهي ۽ اي انسانو! بيشڪ (قيامت جي ڏينهن) مان توهان کان پهريان حوضِ ڪوثر تي موجود هوندس پوءِ جڏهن توهان مون وٽ ايندو ته توهان مان هڪ شخص چوندو يا رسول الله!(صلي الله عليہ وسلم) مان فلاڻو پٽ فلاڻي جو آهيان پوءِ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : ان جو فلان بن فلان چوڻ ثبوت لاءِ ڪافي ٿيندو ۽ رهيو نسب ته تحقيق ان جي سڃاڻ به مان توهان کي ڪرائي ڇڏي آهي ليڪن توهان مون کان بعد احداث ڪندو (يعني احڪامات کي بدلائي ڇڏيندو) ۽ پوئين پيرين ڦري ويندو." ان حديث کي امام احمد بن حنبل ۽ امام حاڪم روايت ڪيو آهي.

هيءَ حديث ڇئن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. احمد بن حنبل، المسند،ج 3 ص 18، حديث نمبر : 11154،
2. حاڪم، المستدرڪ،ج 4 ص 84، حديث نمبر : 6958،
3. ابو يعلي، المسند،ج 2 ص 433، حديث نمبر : 1238،
4. هيثمي، مجمع الزوائد، ج10 ص 364.

7. عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ رضي الله عنه : قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم : خَيْرُكُمْ، خَيْرُكُمْ لِأَهْلِي مِنْ بَعْدِي. رَوَاهُ الْحَاكِمُ وَ أَبُوْ يَعْلَي.

حضرت ابوهريره رضي الله عنه بيان ڪري ٿو تہ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : توهان مان بهترين شخص اهو آهي جيڪو مونکان بعد منهنجي اهل بيت جي لاءِ بهترين ٿي .” ان حديث کي امام حاڪم ۽ امام ابويعلي بيان ڪيو آهي.

هيءَ حديث ستن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. حاكم، المستدرک، ج 3 ص352، حديث نمبر : 5359،
2. أبو يعلي، المسند، ج 10 ص 330، حديث نمبر : 5924،
3. ابن ابي عاصم، السنة، ج 2 ص 616، حديث نمبر : 1414،
4. ديلمي، مسند الفردوس، ج 2ص 170، حديث نمبر : 2851،
5. خطيب، تاريخ بغداد، ج7 ص 276، حديث نمبر : 3765،
6. مناوي، فيض القدير، ج 3 ص 497،
7. هيثمي، مجمع الزوائد، ج 9 ص 174.

8. عَنْ عَبْدِ الرحمٰن بْنِ أَبِي لَيْلَي عَنْ أَبِيْهِ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم : لاَ يُؤْمِنُ عَبْدٌ حَتَّي أَكُوْنَ أَحَبَّ إِلَيْهِ مِنْ نَفْسِهِ وَأَهْلِي أَحَبَّ إِلَيْهِ مِنْ أَهْلِهِ وَعِتْرَتِي أَحَبَّ إِلَيْهِ مِنْ عِتْرَتِهِ. وَذَاتِي أَحَبَّ إِلَيْهِ مِنْ ذَاتِهِ. رَوَاهُ الطَّبَرَانِيُّ وَالْبَيْهَقِيُّ.

حضرت عبدالرحمٰن بن ابي ليلي رضي الله عنه پنهنجي والد کان روايت ڪري ٿو تہ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : ڪوبہ بانهو الله سائين جو ان وقت تائين مؤمن نٿوٿي سگهي جيستائين مان انکي انجي جان کان وڌيڪ پيارو نہ هجان ۽ منهنجا اهل بيت انکي انجي گهروارن کان وڌيڪ پيارا نہ هجن ۽ منهنجي اولاد انکي پنهنجي اولاد کان وڌيڪ پياري نہ هجي ۽ منهنجي ذات انکي پنهنجي ذات کان وڌيڪ پياري نہ هجي.” ان حديث کي امام طبراني ۽ امام بيهقي روايت ڪيو آهي .

هيءَ حديث پنجن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. طبراني، المعجم الكبير، ج 7 ص 75، حديث نمبر: 6416،
2. طبراني، معجم الاوسط، ج 6 ص 59، حديث نمبر: 5790،
3. بيهقي، شعب الايمان، ج 2 ص 189، حديث نمبر : 1505،
4. ديلمي، مسند الفردوس، ج5 ص 154، حديث نمبر : 7795،
5. هيثمي، مجمع الزوائد، ج1 ص 88.

9. عَنِ الْحَسَنِ بْنِ عَلِيٍّ : أَنَّ رَسُوْلَ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم قَالَ : الْزِمُوْا مَوَدَّتَنَا أَهْلَ الْبَيْتِ، فَإِنَّهُ مَنْ لَقِيَ اللهَ عزوجل وَ هوَ يَوَدُّنَا دَخَلَ الْجَنَّةَ بِشَفَاعَتِنَا، وَالَّذِي نَفْسِي بِيَدِهِ : لاَ يَنْفَعُ عَبْدًا عَمَلُهُ إِلاَّ بِمَعْرِفَةِ حَقِّنَا. رَوَاهُ الطَّبَرَانِيُّ.

حضرت حسن بن علي رضي الله عنهما بيان ڪن ٿا تہ حضور نبي اڪرمِ صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : اسان اهلِ بيت جي محبت کي لازمي ڪري وٺو پوءِ بيشڪ جنهن شخص هن حال ۾ وفات ڪئي جو اهو اسان سان محبت ڪندو هيو تہ اهو اسان جي شفاعت جي صدقي جنت ۾ داخل ٿيندو ۽ ان ذات جو قسم جنهن جي قبضہ قدرت ۾ منهنجي جان آهي تہ الله سائين جي ڪنهن بہ ٻانهي کي انجو عمل فائدو نہ ڏيندو مگر اسان جي حق کي سڃاڻڻ جي سبب.” ان حديث کي امام طبراني بيان ڪيو آهي .

هيءَ حديث ٻن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. طبراني، المعجم الاوسط، ج 2 ص 360، حديث نمبر : 2230،
2. هيثمي، مجمع الزوائد، ج 9 ص 172.

10. عَنْ جَابِرِ بْنِ عَبْدِ اللهِ رضي الله عنهما قَالَ : كَانَ لِآلِ رَسُوْلِ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم خَادِمَةٌ تَخْدُمُهُمْ يُقَالُ لَهَا : بَرِيْرَةُ، فَلَقِيَهَا رَجُلٌ فَقَالَ : يَابَرَيْرَةُ، غَطِّي شُعَيْفَاتِكِ، فَإِنَّ مُحَمَّدًا لَنْ يُغْنِيَ عَنْكِ مِنَ اللهِ شَيْئاً قَالَ : فَأَخْبَرَتِ النَّبِيَّ صلي الله عليه وآله وسلم : فَخَرَجَ يَجُرُّ رِدَاءَهُ مُحْمَرَّةً وَجْنَتَاهُ، وَكُنَّا مَعْشَرَ الْأَنْصَارِ نَعْرِفُ غَضَبَهُ بِجَرِّ رِدَاءِهِ وَ حُمْرَةِ وَجْنَتَيْهِ.

فَأَخَذْنَا السِّلاَحَ، ثُمَّ أَتَيْنَاهُ فَقُلْنَا : يَارَسُوْلَ اللهِ، مُرْنَا بِمَا شِئْتَ، فَوَالَّذِي بَعَثَکَ بِالْحَقِّ، لَوْ أَمَرْتَنَا بِأُمَّهَاتِنَا وَآبَاءِنَا وَأَوْلاَدِنَا، لَأَمْضَيْنَا قَوْلَکَ فِيْهِمْ، فَصَعِدَ صلي الله عليه وآله وسلم الْمِنبَرَ فَحَمِدَ اللهَ عزوجل وَأَثْنَي عَلَيْهِ. وَ قَالَ : مَنْ أَنَا؟، فَقُلْنَا : أَنْتَ رَسُوْلُ اللهِ. قَالَ : نَعَمْ، وَلَكِنْ مَنْ أَنَا؟ فَقُلْنَا : مُحَمَّدُ بْنُ عَبْدِ اللهِ بْنِ عَبْدِالْمُطَّلِبِ بْنِ هَاشِمِ بْنِ عَبْدِ مُنَافٍ. قَالَ : أَنَا سَيِّدُ وَلِدِ آدَمَ وَلاَ فَخْرَ، وَأَوَّلُ مَنْ تَنْشَقُّ عَنْهُ الْأَرْضُ وَلاَ فَخْرَ، وَأَوَّلُ مَنْ يُنْفَضُ التُّرَابُ عَنْ رَأْسِهِ وَلاَ فَخْرَ، وَأَوَّلُ دَاخِلِ الْجَنَّةِ وَلاَ فَخْرَ، مَا بَالُ أَقْوَامٍ يَزْعَمُوْنَ أَنَّ رَحِمِي لاَ تَنْفَعُ. لَيْسَ كَمَا زَعَمُوْا، إِنِّي لَأَشْفَعُ وَأُشَفَّعُ، حَتَّي أَنَّ مَنْ أَشْفَعُ لَهُ لَيَشْفَعُ فَيُشَفَّعُ، حَتَّيَ إِنَّ إِبْلِيْسَ لَيَتَطَاوَلُ طَمْعًا فِي الشَّفَاعَةِ. رَوَاهُ الطَّبَرَانِيُّ.

حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنهما بيان ڪري ٿو تہ آل رسول صلي الله عليه وآله وسلم جي هڪ عورت خادم هئي جيڪا سندن جي خدمت ڪندي هئي جنهن کي ''بُريره'' چيو ويندو هيو پوءِ انکي هڪ شخص مليو ۽ چيائينس : اي بريره پنهنجي وارن جي چوٽي کي ڍڪي رکندي ڪر بيشڪ محمد صلي الله عليه وآله وسلم توکي الله تعاليٰ جي طرفان ڪوئي بہ فائدو نٿو پهچائي سگهي .

راوي بيان ڪري ٿو تہ پوءِ ان (بريره) حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن کي ان واقع جي خبر ڏني پوءِ پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم پنهنجي چادر مبارڪ کي ڇڪيندي ٻاهر آيا ان حال ۾ جو حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن جا ٻئي رخسار مبارڪ سرخ هئا ۽ اسان (انصار جو ٽولو) حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي غُصي کي پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن جي چادر مبارڪ جي ڇڪڻ ۽ رخسارن سرخ ٿيڻ سان سڃاڻيندا هئا سين پوءِ اسان هٿيار کيانسين ۽ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي خدمت ۾ آياسين ۽ عرض ڪيو سين : يا رسول الله!(صلي الله عليہ وسلم) توهان

جيڪو ڪجهہ چاهيو ٿا حڪم ڪيو اسان ڪي پوءِ ان ذات جو قسم جنهن پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن کي حق سان موڪليو آهي! اگر توهان اسان کي اسانجي مائُ، پيءُ ۽ اولاد جي باري ۾ بہ ڪوئي حڪم ڏيندا تہ اسان انهن ۾ بہ پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن جي قول کي نافذ ڪنداسين پوءِ پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم منبر تي تشريف فرما ٿيا ۽ الله تعاليٰ جي حمد و ثناء بيان ڪيائون ۽ فرمايائون : مان ڪير آهيان؟ اسان عرض ڪيو : توهان الله تعاليٰ جا رسول آهيو. پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : ها ليڪن مان ڪير آهيان؟ اسان عرض ڪيو : توهان محمد بن عبدالله بن عبدالمطلب بن هاشم بن عبد مناف آهيو. پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : مان حضرت آدم عليه السلام جي اولاد جو سردار آهيان ليڪن ڪوئي فخر نٿو ڪيان ، مان اهو پهريون شخص آهيان جنهنجي قبر سڀ کان اول کلندي ليڪن ڪوئي فخر نٿو ڪيان ۽ مان اهو پهريون شخص آهيان جنهن جي مٿي کان مٽي ڇنڊبي ويندي ليڪن ڪوئي فخر نٿو ڪيان ۽ مان سڀ کان پهريان جنت ۾ داخل ٿيندڙ آهيان ليڪن ڪوئي فخر نٿو ڪيان انهن ماڻهن کي ڇا ٿي ويو آهي جيڪي گمان ڪن ٿا تہ منهنجي قرابت (نسب و تعلق) فائدو نہ ڏيندو ايئن ناهي جهڙي طرح اُهي گمان ڪن ٿا. بيشڪ مان شفاعت ڪندس ۽ منهنجي شفاعت قبول بہ ٿيندي ايستائين جو جنهن جي مان شفاعت ڪندس يقينا اُهو ٻين جي شفاعت ڪندو ۽ انجي بہ شفاعت قبول ٿيندي ايتري تائين جو ابليس بہ پنهنجي گردن کي بلند ڪندو شفاعت جي خاطر (يا ڪنهن طريقي سان انجي بہ ڪوئي شفاعت ڪري).'' ان حديث کي امام طبراني بيان ڪيو آهي .

هيءَ حديث ٻن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. طبراني، المعجم الاوسط،ج 5 ص 203، حديث نمبر : 5082،
2. هيثمي، مجمع الزوائد،ج 10 ص 376.

**11.** عَنِ الْحُسَيْنِ بْنِ عَلِيٍّ رضي الله عنهما : أَنَّ رَسُوْلَ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم قَالَ : الْزِمُوْا مَوَدَّتَنَا أَهْلَ الْبَيْتِ، فَإِنَّهُ مَنْ لَقِيَ اللهَ عزوجل

وَهُوَ يَوَدُّنَا، دَخَلَ الْجَنَّةَ بِشَفَاعَتِنَا. وَالَّذِي نَفْسِي بِيَدِهِ، لَا يَنْفَعُ عَبْدًا عَمَلُهُ إِلَّا بِمَعْرِفَةِ حَقِّنَا. رَوَاهُ الطَّبَرَانِيُّ.

حضرت امام حسين بن علي رضي الله عنهما بيان ڪن ٿا تہ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : اسان اهلِ بيت جي محبت کي لازمي ڪري وٺو پوءِ جيڪو شخص ان حال ۾ الله تعاليٰ سان (وصال ڪان بعد) مليو جو اهو دنيا ۾ اسان سان محبت ڪندو هيو تہ اهو اسان جي شفاعت جي وسيلي سان جنت ۾ داخل ٿيندو ۽ ان ذات جو قسم جنهن جي قبضہ قدرت ۾ مون محمد (صلي الله عليہ وسلم) جي جان آهي ڪنهن بہ شخص کي ان جو عمل اسان جي حق سڃاڻڻ کان سواءِ فائدو نہ ڏيندو .“ ان حديث کي امام طبراني روايت ڪيو آهي .

هيءَ حديث ھن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. طبراني، المعجم الاوسط،ج 2 ص 360، حديث نمبر : 2230،
2. هيثمي، مجمع الزوائد،ج 9 ص 172.

**12.** عَنْ أَبِي رَافِعٍ رضي الله عنه : أَنَّ رَسُوْلَ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم قَالَ لِعَلِيٍّ رضي الله عنه : أَنْتَ وَشِيْعَتُکَ تَرِدُوْنَ عَلَيَّ الْحَوْضَ رُوَاءً مُرَوَّيِيْنَ، مُبْيَضَّةً وُجُوْهُکُمْ. وَإِنَّ عَدُوَّکَ يَرِدُوْنَ عَلَيَّ ظُمَاءً مُقَبَّحِيْنَ. رَوَاهُ الطَّبَرَانِيُّ.

حضرت ابو رافع رضي الله عنه بيان ڪري ٿو تہ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن حضرت علي رضي الله عنه جن کي فرمايو : اي علي!(ڪرم الله وجهہ) تون ۽ تنهنجا (چاهيندڙ) مددگار (قيامت جي ڏينهن) مون وٽ حوض ڪوثر تي خوش چهرن سان ۽ سيراب ٿي ايندا انهن جا منهن (نور جي وجهہ ڪان) سفيد هوندا ۽ بيشڪ تنهنجا دشمن (قيامت جي ڏينهن) مون وٽ حوض ڪوثر تي بدنما چهرن سان ۽ سخت اڃاري حالت ۾ ايندا.“ ان حديث کي امام طبراني روايت ڪيو آهي .

هيءَ حديث ھن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. طبراني، معجم الڪبير،ج 1 ص 319، حديث نمبر : 948،
2. هيثمي، مجمع الزوائد،ج 9 ص 131.

13. عَنْ جَابِرِ بْنِ عَبْدِ اللهِ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم : إِنَّمَا سَمَّيْتُ بِنْتِي فَاطِمَةَ لِأَنَّ اللهَ عزوجل فَطَمَهَا وَ فَطَمَ مُحِبِّيْهَا عَنِ النَّارِ. رَوَاهُ الدَّيْلَمِيُّ.

حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنهما بيان ڪري ٿو تہ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : بيشڪ مان پنهنجي ڌيءُ جو نالو فاطمه (سلام الله عليها) رکيو آهي ڇو جو الله تعاليٰ انکي ۽ انجي محبين کي باهہ کان محفوظ ڪري ڇڏيو آهي. ان حديث کي امام ديلمي روايت ڪيو آهي.

هيءَ حديث ٽن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. ديلمي، مسند الفردوس، ج 1 ص 346، حديث نمبر : 1385،
2. خطيب، تاريخ بغداد، ج 12 ص 331،
3. مناوي، فيض القدير، ج 3 ص 432.

14. عَنِ ابْنِ مَسْعُوْدٍ رضي الله عنه، عَنِ النَّبِيِّ صلي الله عليه وآله وسلم قَالَ : حُبُّ آلِ مُحَمَّدٍ يَوْماً، خَيْرٌ مِنْ عِبَادَةِ سَنَة وَ مَنْ مَاتَ عَلَيْهِ دَخَلَ الْجَنَّةَ. رَوَاهُ الدَّيْلَمِيُّ.

حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم کان روايت ڪري ٿو تہ پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : اهل بيت مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جي هڪ ڏينهن جي محبت پوري سال جي عبادت کان بهتر آهي ۽ جيڪو ان محبت ۾ فوت ٿيو تہ اهو جنت ۾ داخل ٿيندو .'' ان حديث کي امام ديلمي روايت ڪيو آهي.

هيءَ حديث هڪ ڪتابن ۾ موجود آهي

1. ديلمي، مسند الفردوس، ج 2 ص 142، حديث نمبر : 2721.

15. عَنْ زَيْدِ بْنِ أَرْقَمَ رضي الله عنه مَرْفُوْعا. خَمْسٌ مَنْ أُوْتِيَهُنَّ لَمْ يُقْدَرْ عَلَي تَرْکِ عَمَلِ الْآخِرَةِ زَوْجَةٌ صَالِحَةٌ وَ بَنُوْنَ أَبْرَارٌ وَ حَسَنُ مُخَالَطَةِ

النَّاسِ وَ مَعِيْشَةٌ فِي بَلَدِهِ وَ حُبُّ آلِ مُحَمَّدٍ صلي الله عليه وآله وسلم. رَوَاهُ الدَّيْلَمِيُّ.

حضرت زيد بن ارقم رضي الله عنه کان مرفوعاً روايت آهي تہ پنج شيون اهڙيون آهن اگر کنهن کي نصيب ٿي وڃن تہ اهو آخرت جي عمل جو تارڪ نٿو ٿي سگهي (۽ اهي پنج شيون هي آهن) : پهريون نيک زال، ٻيو نيک اولاد، ٽيون ماڻهن سان حسن معاشرت ۽ چوٿون پنهنجي ملک ۾ روزگار ۽ پنجون آل محمد صلي الله عليه وآله وسلم جي محبت.'' ان حديث کي امام ديلمي روايت کيو آهي

هيء حديث هک کتابن ۾ موجود آهي

1. ديلمي، مسند الفردوس،ج 2 ص 196، حديث نمبر : 2974.

16. عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ رضي الله عنهما رَفَعَهُ : أَنَا شَجَرَةٌ، وَ فَاطِمَةُ حَمْلُهَا، وَ عَلِيٌّ لِقَاحُهَا وَالْحَسَنُ وَالْحُسَيْنُ ثَمَرُهَا، وَ الْمُحِبُّوْنَ أَهْلَ الْبَيْتِ وَرَقُهَا، هُمْ فِي الْجَنَّةِ حَقًّا حَقًّا. رَوَاهُ الدَّيْلَمِيُّ.

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما مرفوعاً روايت کن ٿا تہ حضور نبي اکرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : مان هک وڻ آهيان ۽ فاطمه (سلام الله عليها) ان جي ميوي جي ابتدائي حالت آهي ۽ علي (کرم الله وجهہ) انجي گلن کي منتقل کندڙ آهي حسن ۽ حسين ان وڻ جا ميوا آهن ۽ اهل بيت سان محبت کندڙ ان وڻ جا پن آهن اهي يقيناً يقيناً جنت ۾ (داخل ٿيندڙ آهن) .'' ان حديث کي امام ديلمي روايت کيو آهي.

هيء حديث هک کتابن ۾ موجود آهي

1. ديلمي، مسند الفردوس،ج 1 ص 52، حديث نمبر : 135.

17. عَنْ عَلِيِّ بْنِ أَبِي طَالِبٍ رضي الله عنه رَفَعَهُ : أَرْبَعَةٌ أَنَا لَهُمْ شَفِيْعٌ يَوْمَ الْقِيَامَةِ : الْمُكْرِمُ ذُرِّيَّتِي، وَالْقَاضِي لَهُمْ حَوَائِجَهُمْ، وَ السَّاعِي لَهُمْ فِي

أُمُوْرِهِمْ عِنْدَ مَا اضْطَرُّوْا إِلَيْهِ، وَ الْمُحِبُّ لَهُمْ بِقَلْبِهِ وَ لِسَانِهِ. رَوَاهُ الْمُتَّقِيْ الْهِنْدِيُّ.

حضرت علي بن ابي طالب رضي الله عنه جن مرفوعاً روايت ڪن ٿا تہ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : چار شخص اهڙا آهن جن جي قيامت جي ڏينهن مان شفاعت ڪندڙ هوندس. پهريون منهنجي اولاد جي عزت و تڪريم ڪندڙ، ٻيو انهن جي حاجتن کي پورو ڪندڙ، ٽيون انهن جي خدمت ڪندڙ جنهن وقت اُهي مجبور ٿي ان وٽ اچن ۽ چوٿون دل و زبان سان انهن سان محبت ڪندڙ.'' ان حديث کي امام متقي هندي روايت ڪيو آهي.

هيءَ حديث هڪ ڪتاب ۾ موجود آهي

1. هندي، ڪنز العمال،ج 12 ص 100، حديث نمبر : 34180.

**18.** عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ رضي الله عنه عَنِ النَّبِيِّ صلي الله عليه وآله وسلم قَالَ : مَنْ سَرَّهُ أَنْ يَكْتَالَ بِالْمِكْيَالِ الْأَوْفَي إِذَا صَلَّي عَلَيْنَا أَهْلَ الْبَيْتِ، فَلْيَقُلْ : اللَّهُمَّ، صَلِّ عَلَي مُحَمَّدِ النَّبِيِّ وَأَزْوَاجِهِ أُمَّهَاتِ الْمُؤْمِنِيْنَ وَذُرِّيَّتِهِ وَأَهْلِ بَيْتِهِ. كَمَا صَلَّيْتَ عَلَي إِبْرَاهِيْمَ إِنَّکَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ. رَوَاهُ أَبُوْدَاوُدَ.

حضرت ابوهريره رضي الله عنه حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن کان روايت ڪري ٿو پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : جيڪو شخص اهو چاهي تہ ان جو اعمال نامو پورو جو پورو بدلايو وڃي جڏهن اسان اهل بيت تي پڙهي تہ هن طرح چوي :

اللَّهُمَّ، صَلِّ عَلَي مُحَمَّدِ النَّبِيِّ وَأَزْوَاجِه أُمَّهَاتِ الْمُؤْمِنِيْنَ وَذُرِّيَّتِهِ وَأَهْلِ بَيْتِهِ. كَمَا صَلَّيْتَ عَلَي إِبْرَاهِيْمَ إِنَّکَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ.'' ان حديث کي امام ابوداود روايت ڪيو آهي.

هيءَ حديث چئن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. ابوداود، السنن، ڪتاب : الصلاة، باب : الصلاة علي النبي بعد التشهد،ج 1 ص 258، حديث نمبر : 982،
2. بيهقي، السنن الڪبريٰ،ج 2 ص 151، حديث نمبر : 2686،
3. بيهقي، شعب الايمان،ج 2 ص 189، حديث نمبر : 1504،

4. المزي، تهذيب الكمال، ج 5 ص 348.

19. عَنْ أَبِي مَسْعُوْدٍ الْأَنْصَارِيِّ رضي الله عنه قَالَ : قَالَ رَسُولُ الله صلي الله عليه وآله وسلم : مَنْ صَلَّي صَلَاةً لَمْ يُصَلِّ فِيْهَا عَلَيَّ وَعَلَيٰ أَهْلِ بَيْتِي، لَمْ تُقْبَلْ مِنْهُ. وَ قَالَ أَبُوْمَسْعُوْدٍ رضي الله عنه : لَوْ صَلَّيْتُ صَلَاةً لَا أُصَلِّي فِيْهَا عَلَي مُحَمَّدٍ، مَارَأَيْتُ أَنَّ صَلَاتِي تَتِمُّ. رَوَاهُ الدَّارُقُطْنِيُّ وَالْبَيْهَقِيُّ.

حضرت ابومسعود انصاري رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضور نبي اکرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : جنهن شخص نماز پڙهي ۽ مون تي ۽ منهنجي اهل بيت تي درود نہ پڙهيائين تہ ان جي نماز قبول نہ ٿيندي . حضرت ابومسعود انصاري رضي الله عنه فرمائي ٿو تہ اگر مان نماز پڙهان ۽ ان ۾ حضور نبي اکرم صلي الله عليه وآله وسلم جن تي درود پاڪ نہ پڙهان مان نٿو سمجهان تہ منهنجي نماز ڪامل ٿي هوندي .” ان حديث کي امام دارقطني ۽ بيهقي روايت ڪيو آهي .

هي۽ حديث چئن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. دارقطني، السنن، 1 / 355، الرقم : 6.7،
2. بيهقي، السنن الکبريٰ، 2 / 530، الرقم : 3969،
3. ابن الجوزي، التحقيق في احاديث الخلاف، 1 / 402، الرقم : 544،
4. شوکاني، نيل الاوطار، 2 / 322.

20. عَنْ وَاثِلَةَ بْنِ الأَسْقَعِ قَالَ: خَرَجْتُ أَنَا أُرِيْدُ عَلِيًّا فَقِيْلَ لِي هُوَ عِنْدَ رَسُوْلِ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم فَأَمَمْتُ إِلَيْهِمْ فَأَجِدَهُمْ فِي حَظِيْرَة مِّنْ قَصَبِ رَسُوْلِ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم وَ عَلِيٌّ وَ فَاطِمَةُ وَحَسَنٌ وَحُسَيْنٌ رضي الله عنهم قَدْ جَمَعَهُمْ تَحْتَ ثَوْبٍ فَقَالَ : اَللَّهُمَّ، إِنَّکَ جَعَلْتَ صَلَوَاتَکَ وَرِضْوَانَکَ عَلَيَّ وَ عَلَيْهِمْ. رَوَاهُ الطَّبَرَانِيُّ.

حضرت واثلہ بن اسقع رضي الله عنه بيان ڪري ٿو تہ حضرت علي رضي الله عنه جن جي تلاش ۾ ٻاهر نڪتس مون کي ڪنهن ٻڌايو تہ اهي حضور نبي اکرم صلي الله عليه وآله وسلم جن وٽ موجود آهن پوءِ

مان انهن (وٽ وڃڻ) جو ارادو ڪيو (۽ جڏهن مان اتي پهتس) ته مان سندن ڪي حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي چادر مبارڪ جي اندر ڏٺو ۽ حضرت علي، حضرت فاطمه ۽ حسن ۽ حسين رضي الله عنهم ان سڀن کي حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن هڪ ڪپڙي جي هيٺان گڏ ڪيو پوءِ پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : اي الله! بيشڪ تون پنهنجي درود ۽ پنهنجي رضوان کي مون تي ۽ انهن تي خاص ڪري ڇڏيو آهي.'' ان حديث کي امام طبراني روايت ڪيو آهي.

هيءُ حديث هِن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. طبراني، المعجم الكبير، ج 22 ص 95، حديث نمبر : 230،
2. هيثمي، مجمع الزوائد، ج 9 ص 167.

**21.** عَنْ أَبِي رَافِعٍ : أَنَّ رَسُوْلَ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم قَالَ لِعَلِيٍّ رضي الله عنه : إِنَّ أَوَّلَ أَرْبَعة يَدْخُلُوْنَ الْجَنَّةَ، أَنَا وَأَنْتَ وَالْحَسَنُ وَالْحُسَيْنُ، وَ ذَرَارِيْنَا خَلْفَ ظُهُوْرِنَا، وَ أَزْوَاجُنَا خَلْفَ ذَرَارِيْنَا، وَ شِيْعَتُنَا عَنْ أَيْمَانِنَا وَ عَنْ شَمَائِلِنَا. رَوَاهُ الطَّبَرَانِيُّ.

حضرت ابورافع بيان ڪري ٿو ته حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن حضرت علي رضي الله عنه جن کي فرمايو : بيشڪ پهريان چار شخص جيڪي جنت ۾ داخل ٿيندا اهو مان، تون، حسن ۽ حسين هونداسين ۽ اسان جي اولاد اسان جي پويان هوندي (يعني اسان کان بعد جنت ۾ داخل ٿيندي) ۽ اسان جون ازواج (گهرواريون) اسان جي اولاد کان پويان هونديون (يعني انهن کان بعد جنت ۾ داخل ٿينديون) ۽ اسان جا چاهيندڙ (اسان جا مددگار) اسان جي سڄي ۽ کٻي پاسن کان هوندا .'' ان حديث کي امام طبراني روايت ڪيو آهي.

هيءُ حديث هِن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. طبراني، المعجم الكبير، ج 1 ص 319، حديث نمبر : 950، ج3 ص 41، حديث نمبر : 2624،
2. هيثمي، مجمع الزوائد، ج 9 ص 131.

22. عَنْ أَبَانَ بْنِ عُثْمَانَ قَالَ : سَمِعْتُ عُثْمَانَ بْنَ عَفَّانَ يَقُوْلُ : قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم : مَنْ صَنَعَ إِلَي أَحَدٍ مِنْ وَلَدِ عَبْدِ الْمُطَّلِبِ يَدًا فَلَمْ يُكَافِئْهُ بِهَا فِي الدُّنْيَا فَعَلَيَّ مُكَافَأَتُهُ غَدًا إِذَا لَقِيَنِي. رَوَاهُ الطَّبَرَانِيُّ.

حضرت ابان بن عثمان رضي الله عنه بيان ڪري ٿو تہ مون حضرت عثمان بن عفان رضي الله عنه کان ٻڌو پاڻ فرمايائون تہ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : جنھن شخص اولاد عبد المطلب مان ڪنھن سان ڪا ڀلائي ڪئي ۽ اھو انجو بدلو دنيا ۾ نہ ڏئي سگھيو تہ انجو بدلو ڏيڻ سڀاڻي (قيامت جي ڏينھن) منھنجي ذمي آھي جڏھن اھو مون سان ملاقات ڪندو.” ان حديث کي امام طبراني روايت ڪيو آھي.

ھيءَ حديث ٽن ڪتابن ۾ موجود آھي

1. طبراني، المعجم الاوسط، ج2 ص 120، حديث نمبر : 1446،
2. مقدسي، الاحاديث المختارة،ج 1 ص 439، حديث نمبر : 315،
3. هيثمي، مجمع الزوائد،ج 9 ص 173.

23. عَنْ عَلِيِّ بْنِ حُسَيْنٍ : أَنَّهُ صلي الله عليه وآله وسلم قَالَ : يَا عَلِيُّ، إِنَّ اللهَ قَدْ غَفَرَ لَکَ وَلِذُرِّيَّتِکَ وَ لِوَلَدِکَ وَ لِأَهْلِکَ، وَلِشِيْعَتِکَ وَ لِمُحِبِّي شِيْعَتِکَ. فَأَبْشِرْ. رَوَاهُ الدَّيْلَمِيُّ.

حضرت علي بن حسين رضي الله عنهما بيان ڪن ٿا تہ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : اي علي!(ڪرم الله وجھہ) بيشڪ الله تعاليٰ توکي ۽ تنھنجي اولاد کي ۽ تنھنجي گھروارن کي ۽ تنھنجي مددگارن کي ۽ تنھنجي مددگارن جي چاھيندڙن کي بہ بخشي ڇڏيو آھي پوءِ توکي اھا خوشخبري مبارڪ ھجي.” ان حديث کي امام ديلمي روايت ڪيو آھي.

ھيءَ حديث ھڪ ڪتاب ۾ موجود آھي

1. ديلمي، مسند الفردوس،ج 5 ص 329، حديث نمبر : 8337.

24. عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم : النُّجُوْمُ أَمَانٌ لأَهْلِ الْأَرْضِ مِنَ الْغَرْقِ وَ أَهْلُ بَيْتِي أَمَانٌ لِأُمَّتِي مِنَ الإِخْتِلاَفِ، فَإِذَا خَالَفَتْهَا قَبِيْلَةٌ مِنَ الْعَرَبِ اخْتَلَفُوْا فَصَارُوْا حِزْبَ إِبْلِيْسَ. رَوَاهُ الْحَاكِمُ. وَقَالَ : هَذَا حَدِيْثٌ صَحِيْحُ الإِسْنَادِ.

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما بيان ڪن ٿا تہ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : ستارا زمين وارن کي غرق ٿيڻ کان بچائيندڙ آهن ۽ منهنجا اهل بيت منهنجي امت کي اختلاف کان بچائيندڙ آهن ۽ جيڪو قبيلو عرب مان انهن جي مخالفت ڪندو تہ ان قبيلي ۾ اختلاف ٿي ويندو پوءِ اهو ٽولو شيطان جي جماعت مان هوندو.'' ان حديث کي امام حاڪم روايت ڪيو آهي ۽ چيائين تہ هي حديث صحيح الاسناد آهي.

هيءَ حديث هڪ ڪتابن ۾ موجود آهي

1. حاڪم، المستدرڪ،ج 3 ص 162، حديث نمبر : 4715.

25. عَنْ أَنَسٍ، قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم : وَعَدَنِي رَبِّي فِي أَهْلِ بَيْتِي مَنْ أَقَرَّ مِنْهُمْ بِالتَّوْحِيْدِ وَلِّي بِالْبَلاَغِ، أَنْ لَا يُعَذِّبَهُمْ. رَوَاهُ الْحَاكِمُ. وَقَالَ : هَذَا حَدِيْثٌ صَحِيْحُ الإِسْنَادِ.

حضرت انس رضي الله عنه بيان ڪن ٿا تہ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : منهنجي رب مون سان منهنجي اهل بيت جي باري ۾ واعدو فرمايو آهي تہ انهن مان جيڪو بہ منهنجي توحيد جو اقرار ڪندو ان کي اها ڳالهہ پهچائي وڃي تہ الله تعاليٰ انکي عذاب نہ فرمائيندو.'' ان حديث کي امام حاڪم روايت ڪيو آهي ۽ چيائين تہ هن حديث جي سند صحيح آهي.

هيءَ حديث ٻن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. حاڪم، المستدرڪ،ج 3 ص 163، حديث نمبر : 4718،
2. ديلمي، مسند الفردوس،ج 4 ص 382، حديث نمبر : 7112.

26. عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ رضي الله عنهما قَالَ : قَالَ رَسُولُ الله صلي الله عليه وآله وسلم مَثَلُ أَهْلِ بَيْتِي مَثَلُ سَفِينَةِ نُوحٍ، مَنْ رَكِبَ فِيْهَا نَجَا، وَمَنْ تَخَلَّفَ عَنهَا غَرِقَ.

و في رواية : عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ الزُّبَيْرِ رضي الله عنهما قَالَ : مَنْ رَكِبَهَا سَلِمَ، وَمَنْ تَرَكَهَا غَرِقَ. رَوَاهُ الطَّبَرَانِيُّ وَالْبَزَّارُ وَالْحَاكِمُ.

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : منهنجي اهلِ بيت جو مثال حضرت نوح عليه السلام جي ٻيڙيءَ جي مثل آهي جيڪو ان ۾ سوار ٿيو انکي نجات ملي ۽ جيڪو ان کان پوئتي رهجي ويو اهو غرق ٿي ويو.

۽ هڪ روايت ۾حضرت عبدالله بن زبير رضي الله عنهما کان مروي آهي تہ فرمايائون جيڪو ان ۾ سوار ٿيو انکي سلامتي ملي ۽ جنهن ان کي ڇڏي ڏنو اهو غرق ٿي ويو.'' ان حديث کي طبراني، بزار ۽ حاڪم روايت ڪيو آهي.

هيءَ حديث ستن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. طبراني، المعجم الکبير،ج 12 ص 34، حديث نمبر : 2388، 2638، 2638، 2636،
2. طبراني، المعجم الاوسط،ج 4 ص 10، حديث نمبر : 3478،ج 5 ص 355، حديث نمبر : 5536، ج 6 ص 85، حديث نمبر : 5870،
3. طبراني، المعجم الصغير،ج 1 ص 240، حديث نمبر : 391،ج 2 ص 84، حديث نمبر : 825،
4. حاڪم، المستدرڪ،ج 3 ص 163، حديث نمبر : 4720،
5. بزار، المسند،ج 9 ص 343، حديث نمبر : 3900،
6. ديلمي، مسند الفردوس،ج 1 ص 238، حديث نمبر : 916،
7. هيثمي، مجمع الزوائد،ج 9 ص 168.

27. عَنِ أَبِي ذَرٍّ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم : مَثَلُ أَهْلِ بَيْتِي مَثَلُ سَفِيْنَةِ نُوْحٍ : مَنْ رَكِبَ فِيْهَا نَجَا، وَمَنْ تَخَلَّفَ عَنْهَا غَرِقَ، وَ مَنْ قَاتَلَنَا فِي آخِرِ الزَّمَانِ فَكَأَنَّمَا قَاتَلَ مَعَ الدَّجَّالِ. رَوَاهُ الطَّبَرَانِيُّ.

حضرت ابوذر غفاري رضي الله عنه بيان ڪن ٿا تہ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : منهنجي اهل بيت جو مثال حضرت نوح عليه السلام جي ٻيڙي سان آهي جيڪو ان ۾ سوار ٿيو نجات وارو ٿيندو ۽ جيڪو انڪان هٽيو اهو غرق ٿي ويندو ۽ آخري زماني ۾ جيڪو اسان (اهل بيت کي) قتل ڪندو تہ اهو قاتل دجال سان ملي ڪري قتال ڪرڻ وارن ۾ شامل ڪيو ويندو.'' ان حديث کي امام طبراني بيان ڪيو آهي.

هيءَ حديث ٽن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. طبراني، المعجم الڪبير، ج 3 ص 45، حديث نمبر : 2637،
2. قضاعي، مسند الشهاب، ج 2 ص 273، حديث نمبر 1343،
3. هيثمي، مجمع الزوائد، ج 9 ص 168.

28. عَنْ أَبِي سَعِيْدٍ الْخُدْرِيِّ : أَنَّ رَسُوْلَ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم قَالَ : إِنَّ لِلّٰهِ حُرُمَاتٍ ثَلَاثًا مَنْ حَفِظَهُنَّ حَفِظَ اللهُ لَهُ أَمْرَ دِيْنِهِ وَ دُنْيَاهُ، وَ مَنْ ضَيَّعَهُنَّ لَمْ يَحْفَظِ اللهُ لَهُ شَيْئًا فَقِيْلَ : وَ مَا هُنَّ يَا رَسُوْلَ اللهِ؟ قَالَ : حُرْمَةُ الإِسْلَامِ، وَحُرْمَتِي، وَ حُرْمَةُ رَحِمِي. رَوَاهُ الطَّبَرَانِيُّ.

حضرت ابوسعيد خدري رضي الله عنه بيان ڪن ٿا تہ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : بيشڪ الله تعاليٰ جون ٽي حرمات آهن جيڪو انهن جي حفاظت ڪري ٿو الله تعاليٰ ان جي دين ودنيا جي معاملات ۾ حفاظت فرمائي ٿو ۽ جيڪو ان ٽن حرمات کي ضائع ڪري ڇڏي ٿو. الله تعاليٰ ان جي ڪنهن بہ شيءِ جي حفاظت نٿو فرمائي تہ عرض ڪيو : يا رسول الله!(صلي الله عليہ وسلم) اهي ڪهڙيون ٽي حرمات آهن؟ پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : اسلام جي حرمت، منهنجي حرمت ۽ منهنجي نسب جي حرمت.'' ان حديث کي امام طبراني روايت ڪيو آهي.

هيءَ حديث ٽن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. طبراني، المعجم الاوسط، ج 1 ص 72، حديث نمبر : 203،
2. المعجم، الڪبير، ج 3 ص 126، حديث نمبر : 2881، ج 1 ص 88،
3. ذهبي، ميزان الاعتدال، ج 5 ص 294.

29. عَنْ عَلِيٍّ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم : النُّجُوْمُ أَمَانٌ لِأَهْلِ السَّمَاءِ. فَإِذَا ذَهَبَتِ النُّجُوْمُ ذَهَبَ أَهْلُ السَّمَاءِ. وَأَهْلُ بَيْتِي أَمَانٌ لِأَهْلِ الْأَرْضِ. فَإِذَا ذَهَبَ أَهْلُ بَيْتِي ذَهَبَ أَهْلُ الْأَرْضِ. رَوَاهُ الدَّيْلَمِيُّ.

حضرت علي رضي الله عنه بيان ڪن ٿا تہ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : ستارا آسمان وارن لاءِ امان آهن پوءِ جڏهن ستارا هليا ويا تہ آسمان وارا بہ هليا ويندا ۽ منهنجا اهل بيت زمين وارن لاءِ امان آهن پوءِ جڏهن منهنجا اهل بيت هليا ويا تہ زمين وارا بہ هليا ويندا .'' ان حديث کي امام ديلمي روايت ڪيو آهي.

هيءَ حديث هڪ ڪتاب ۾ موجود آهي

1. ديلمي، مسند الفردوس،ج 4 ص 311، حديث نمبر : 6913.

30. عَنْ عَائِشَةَ قَالَتْ : قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم : سِتَّةٌ لَعَنْتهُمْ، لَعَنَهُمُ اللهُ، وَ كُلُّ نَبِيٍّ مُجَابٍ كَانَ : الزَّائِدُ فِي كِتَابِ اللهِ، وَ الْمُكَذِّبُ بِقَدْرِ اللهِ وَ الْمُسَلِّطُ بِالْجَبَرُوْتِ لِيُعِزَّ بِذَلِکَ مَنْ أَذَلَّ اللهُ، وَ يُذِلَّ مَنْ أَعَزَّ اللهُ، وَ الْمُسْتَحِلُّ لِحُرَمِ اللهِ، وَ الْمُسْتَحِلُّ مِنْ عِتْرَتِي مَا حَرَّمَ اللهُ، وَ التَّارِکُ لِسُنَّتِي. رَوَاهُ التِّرْمِذِيُّ وَابْنُ حِبَّانَ وَالْحَاکِمُ.

حضرت ام المومنين عائشه رضي الله عنها بيان ڪن ٿيون تہ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : ڇهن شخصن تي مان لعنت ڪيان ٿو ۽ الله تعاليٰ بہ انهن تي لعنت ڪري ٿو ۽ هر نبي مستجاب الدعوات بہ انهن تي لعنت ڪري : پهريون اهو شخص جيڪو ڪتاب الله ۾ زيادتي ڪري ۽ ٻيو اهو شخص جيڪو الله تعاليٰ جي قدرت جو انڪار ڪري ۽ ٽيون اهو شخص جيڪو ظلم ۽ جبر سان تسلط (حڪمراني) حاصل ڪري جو انجي ذريعي عزت ڏئي سگهي انکي جنهن کي الله تعاليٰ ذليل ڪيو آهي ۽ انکي ذليل ڪري سگهي جنهن کي الله.

تعاليٰ عزت ڏني آهي ۽ چوٿون اهو شخص جيڪو الله تعاليٰ جي حرام ڪيل شين کي حلال ڪري ۽ پنجون اهو شخص جيڪو منهنجي عترت يعني اهل بيت جي حرمت کي حلال ڪري ۽ ڇهون اهو شخص جيڪو منهنجي سنت کي ڇڏي ڏي ." ان حديث کي امام ترمذي، ابن حبان ۽ حاڪم روايت ڪيو آهي .

هيءَ حديث پنجن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. ترمذي، السنن، ڪتاب : القدر، باب : منه، (17)، ج 4 ص 457، حديث نمبر : 2154،
2. ابن حبان، الصحيح، ج 13 ص 60، حديث نمبر : 5749،
3. حاڪم، المستدرڪ، ج 2 ص 572، حديث نمبر : 3941،
4. طبراني، المعجم الڪبير، ج 17 ص 43، حديث نمبر : 89،
5. بيهقي، شعب الايمان، ج 3 ص 44، حديث نمبر : 4010.

31. عَنْ أَبِي سَعِيْدٍ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم : وَ الَّذِي نَفْسِي بِيَدِهِ : لاَ يُبْغِضُنَا أَهْلَ الْبَيْتِ رَجُلٌ إِلاَّ أَدْخَلَهُ اللهُ النَّارَ. رَوَاهُ ابْنُ حِبَّانَ وَالْحَاكِمُ.

حضرت ابوسعيد خدري رضي الله عنه بيان ڪري ٿو ته حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : ان ذات جو قسم جنهن جي قبضه قدرت ۾ منهنجي جان آهي ! اسان اهل بيت سان ڪوئي به ماڻهون نفرت نٿو ڪري مگر هي جو الله تعاليٰ ان کي دوزخ ۾ داخل ڪندو ." ان حديث کي امام ابن حبان ۽ حاڪم روايت ڪيو آهي .

هيءَ حديث چئن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. ابن حبان، الصحيح، ج 15 ص 435، حديث نمبر : 6978،
2. حاڪم، المستدرڪ، ج 3 ص 162، حديث نمبر : 4717،
3. ذهبي، سير اعلام النبلاء، ج 2 ص 123،
4. هيثمي، موارد الظمان، ج 1 ص 555، حديث نمبر : 2246.

32. عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ عَبَّاسٍ : أَنَّ رَسُوْلَ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم قَالَ : يَا بَنِي عَبْدِ الْمُطَّلِبِ إِنِّي سَأَلْتُ اللهَ لَكُمْ ثَلاَثًا أَنْ يُثْبِتَ قَائِمَكُمْ وَ أَنْ يَهْدِيَ ضَالَّكُمْ، وَ أَنْ يُعَلِّمَ جَاهِلَكُمْ، وَ سَأَلْتُ اللهَ أَنْ يَجْعَلَكُمْ جُوَدَاءَ

نُجَدَاءَ رُحَمَاءَ. فَلَوْ أَنَّ رَجُلًا صَفَنَ بَيْنَ الرُّكْنِ وَ الْمَقَامِ، فَصَلَّي وَ صَامَ ثُمَّ لَقِيَ اللهَ وَ هُوَ مُبْغِضٌ لِأَهْلِ بَيْتِ مُحَمَّدٍ صلي الله عليه وآله وسلم دَخَلَ النَّارَ. رَوَاهُ الْحَاكِمُ وَالطَّبَرَانِيُّ. وَقَالَ الْحَاكِمُ : هَذَا حَدِيْثٌ حَسَنٌ صَحِيْحٌ.

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما بيان ڪن ٿا تہ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : اي بنو عبدالمطلب بيشڪ مان توهان لاءِ الله تعاليٰ کان ٽي شيون گهريون آهن پهرين هي جو توهان مان قيام ڪندڙن کي الله سائين ثابت قدم رکي ۽ ٻي هي جو توهان مان راهِ راست کان ڦريلن کي الله سائين هدايت ڏي ۽ ٽين هي جو توهان مان جاهلن کي علم عطاء ڪري ۽ مان توهان لاءِ الله سائين کان اهو بہ گهريو تہ توهان کي سخاوت ڪندڙ ۽ ٻين جي مدد ڪندڙ ۽ ٻين تي رحم ڪندڙ بنائي پوءِ جيڪڏهن ڪوئي رڪن يماني ۽ مقام ابراهيم جي درميان ٻئي پير قطار ۾ رکي ڪري بيهي ۽ نماز پڙهي ۽ روزا بہ رکي پوءِ (وصال جي صورت ۾) الله سان ملي ان حال ۾ جو اهو اهل بيت سان بغض رکي ٿو تہ اهو دوزخ ۾ داخل ٿيندو.'' ان حديث کي امام حاڪم ۽ طبراني روايت ڪيو آهي نيز امام حاڪم فرمايو تہ هي حديث حسن صحيح آهي.

هيءَ حديث ٽن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. حاڪم، المستدرڪ،ج 3 ص 161، حديث نمبر : 4712،
2. طبراني، المعجم الڪبير،ج 11 ص 176، حديث نمبر: 11412،
3. هيثمي، مجمع الزوائد،ج 9 ص 171.

33. عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ عَبَّاسٍ : أَنَّ رَسُوْلَ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم قَالَ : بُغْضُ بَنِي هَاشِمٍ وَ الْأَنْصَارِ كُفْرٌ، وَ بُغْضُ الْعَرَبِ نِفَاقٌ. رَوَاهُ الطَّبَرَانِيُّ.

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما بيان ڪن ٿا تہ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : بنو هاشم ۽ انصار سان بغض رکڻ ڪفر آهي ۽ اهل عرب سان بغض رکڻ منافقت آهي.'' ان حديث کي امام طبراني روايت ڪيو آهي.

هيءَ حديث ٽن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. طبراني، المعجم الڪبير،ج 11 ص 145، حديث نمبر : 11312،
2. هيثمي، مجمع الزوائد،ج 9 ص 172،
3. مناوي، فيض القدير،ج 3 ص 205.

34. عَنْ جَابِرِ بْنِ عَبْدِ اللهِ قَالَ : خَطَبَنَا رَسُوْلُ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم فَسَمِعْتُهُ وَهُوَ يَقُوْلُ : أَيُّهَا النَّاسُ، مَنْ أَبْغَضَنَا أَهْلَ الْبَيْتِ حَشَرَهُ اللهُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ يَهُوْدِيًّا فَقُلْتُ : يَا رَسُوْلَ اللهِ، وَإِنْ صَامَ وَصَلَّي قَالَ : وَإِنْ صَامَ وَصَلَّي وَزَعَمَ أَنَّهُ مُسْلِمٌ. أَيُّهَا النَّاسُ، احْتَجَرَ بِذَلِکَ مِنْ سَفْکِ دَمِهِ وَأَنْ يُؤَدِّيَ الْجِزْيَةَ عَنْ يَدٍ وَهُمْ صَاغِرُوْنَ. مُثِّلَ لِي أُمَّتِي فِي الْبَطْنِ فَمَرَّبِي أَصْحَابُ الرَّايَاتِ فَاسْتَغْفَرْتُ لِعَلِيٍّ وَشِيْعَتِهِ. رَوَاهُ الطَّبَرَانِيُّ.

حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنهما بيان ڪن ٿا ته هڪ دفعي حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن اسان سان مخاطب ٿيا پوءِ مان پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن کان ٻڌو پاڻ فرمايائون : اي انسانو! جيڪو اسان اهل بيت سان بغض رکي ٿو الله تعاليٰ انکي قيامت جي ڏينهن يهودي ڪري اٿاريندو ته مان عرض ڪيو : يا رسول الله!(صلي الله عليہ وسلم) اگرچہ اهو نماز، روزي جو پابند ڇونہ هجي ۽ پاڻ کي مسلمان گمان بہ ڪندو هجي؟ ته پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : (ها) اگرچہ اهو روزن ۽ نمازن جو پابند بہ هجي ۽ پاڻ کي مسلمان تصور بہ ڪري(تہ بہ يهودن سان اٿندو)، اي انسانو! چالاڪي سان انهن پنهنجي خون کي مباح ٿيڻ کان بچايو ۽ هي تہ اهي پنهنجي هٿ سان جزيو ڏين حالانڪ اهي ڪمينا آهن پوءِ مونکي پنهنجي امت منهنجي ماءُ جي پيٽ ۾ ڏيکاري وئي پوءِ منهنجي ڀر سان جهنڊن وارا گزريا تہ مان حضرت علي (ڪرم الله وجهہ) ۽ محبان علي (ڪرم الله وجهہ) جي لاءِ مغفرت طلب ڪئي.” ان حديث کي امام طبراني روايت ڪيو آهي.

هيءَ حديث ٽن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. طبراني، المعجم الاوسط،ج 4 ص 212، حديث نمبر : 4002،
2. ذهبي، ميزان الاعتدال،ج 3 ص 171،

3. هيثمي، مجمع الزوائد،ج 9 ص 172.

35. عَنِ الْحَسَنِ بْنِ عَلِيٍّ : أَنَّهُ قَالَ لِمُعَاوِيَةَ بْنِ خُدَيْجٍ : يَا مُعَاوِيَةَ بْنَ خُدَيْجٍ، إِيَّاکَ وَ بُغْضَنَا فَإِنَّ رَسُوْلَ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم قَالَ : لاَ يُبْغِضُنَا أَحَدٌ، وَ لاَ يَحْسُدُنَا أَحَدٌ إِلاَّ ذِيْدَ عَنِ الْحَوْضِ يَوْمَ الْقِيَامَةِ بِسِيَاطٍ مِّنْ نَارٍ. رَوَاهُ الطَّبَرَانِيُّ.

حضرت حسن بن علي رضي الله عنهما روايت ڪن ٿا تہ انهن معاويہ بن خديج کي چيو اي معاويہ بن خديج! اسان (اهلِ بيت جي) بغض کان بچو ڇو جو بيشڪ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآلہ وسلم جن فرمايو : تہ اسان (اهلِ بيت) سان ڪوئي بہ بغض نٿو رکي ۽ ڪوئي بہ حسد نٿو ڪري مگر هي جو قيامت جي ڏينهن انکي باھ جي ڇهبڪ (سنها لڪڻ) سان حوض ڪوثر کان ڌڪاريو ويندو .” ان حديث کي امام طبراني روايت ڪيو آهي .

هيءَ حديث ھن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. طبراني، المعجم الاوسط،ج 3 ص 39، حديث نمبر : 2405،
2. هيثمي، مجمع الزوائد،ج 9 ص 172

36. عَنْ عَلِيٍّ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم : مَنْ لَمْ يَعْرِفْ حَقَّ عِتْرَتِي وَ الْأَنْصَارِ وَ الْعَرَبِ فَهُوَ لِإِحْدَي ثَلاَثٍ : إِمَّا مُنَافِقٌ، وَ إِمَّا لِزِنْيَة، وَإِمَّا امْرَؤٌ حَمَلَتْ بِهِ أُمُّهُ لِغَيْرِ طُهْرٍ. رَوَاهُ الْبَيْهَقِيُّ وَالدَّيْلَمِيُّ.

حضرت علي رضي الله عنه بيان ڪن ٿا تہ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآلہ وسلم جن فرمايو : جيڪو شخص منهنجي اهل بيت ۽ انصار ۽ عرب جو حق نٿو سڃاڻي تہ ان ۾ ٽن شين مان هڪ شيءِ ضرور لڌي ويندي : يا تہ اهو منافق هوندو يا اهو حرامي هوندو يا اهو اهڙو شخص آهي جنهن جي ماءُ بغير طهر جي ان کان حاملہ هوندي (يعني يا اهو پليد هوندو).” ان حديث کي بغير طهر (حيض جي حالت ۾ حاملہ) امام ديلمي پنهنجي مسند ۾ روايت ڪيو آهي.

هيءَ حديث ٽن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. بيهقي، شعب الايمان،ج 2 ص 232، حديث نمبر: 1614،
2. ديلمي، مسند الفردوس،ج 3 ص 626، حديث نمبر: 5955،
3. ذهبي، ميزان الاعتدال في نقد الرجال،ج 3 ص 148.

37. عَنْ عَلِيِّ بْنِ أَبِي طَالِبٍ رضي الله عنه قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم : اللَّهُمَّ ارْزُقْ مَنْ أَبْغَضَنِي وَأَبْغَضَ أَهْلَ بَيْتِي، كَثْرَةَ الْمَالِ وَالْعَيَالِ. كَفَاهُمْ بِذَلِکَ غَيًا أَنْ يَكْثُرَ مَالُهُمْ فَيَطُوْلَ حِسَابُهُمْ، وَ أَنْ يَكْثُرَ الْوِجْدَانِيَاتُ فَيَكْثُرَ شَيَاطِيْنُهُمْ. رَوَاهُ الدَّيْلَمِيُّ.

حضرت علي بن ابي طالب رضي الله عنه بيان ڪن ٿا ته حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : اي الله جيڪو مونسان ۽ منهنجي اهل بيت سان بغض رکي ٿو انکي ڪثرت سان مال ۽ ڪثرت سان اولاد ڏيس ان جي گمراهي جي لاءِ ڪافي آهي جو انجو مال ڪثرت سان ٿي وڃي ته (ان ڪثرتِ مال جي ڪري) ان جو حساب طويل ٿي وڃي ۽ ان جي وجدانيات (جذباتي شيون) ڪثير ٿي وڃن جو ان جا شياطين ڪثرت سان ٿي ويندا .'' ان حديث کي امام ديلمي روايت ڪيو آهي.

هيءَ حديث هڪ ڪتابن ۾ موجود آهي

1. ديلمي، مسند الفردوس، ج1 ص 492، حديث نمبر : 2007.

38. عَنْ جَابِرِ بْنِ عَبْدِ اللهِ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم : ثَلاَثٌ مَنْ كُنَّ فِيْهِ فَلَيْسَ مِنِّي وَلَا أَنَا مِنْهُ : بُغْضُ عَلِيٍّ، وَ نَصْبُ أَهْلِ بَيْتِي، وَ مَنْ قَالَ : الإِيْمَانُ كَلاَمٌ. رَوَاهُ الدَّيْلَمِيُّ.

حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنهما بيان ڪري ٿو ته حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : ٽي شيون جنهن ۾ لڌيون وڃن ته نه اهو اسان مان آهي نه اسان ان مان آهيون : پهريون علي رضي الله عنه سان بغض رکڻ، ٻيو منهنجي اهل بيت سان دشمني رکڻ ٽيون اِهو چوڻ ته ايمان (فقط) ڪلام جو نالو آهي .'' ان حديث کي امام ديلمي روايت ڪيو آهي .

هيءَ حديث هڪ ڪتابن ۾ موجود آهي

1. ديلمي، مسند الفردوس،ج 2 ص 85، حديث نمبر : 2459.

**39.** عَنْ زَيْدِ بْنِ أَرْقَمَ رضي الله عنه : أَنَّ رَسُوْلَ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم قَالَ: لِعَلِيٍّ وَ فَاطِمَةَ وَ الْحَسَنِ وَ الْحُسَيْنِ رضى الله عنهم : أَنَا حَرْبٌ لِمَنْ حَارَبْتُمْ، وَ سِلْمٌ لِمَنْ سَالَمْتُمْ. رَوَاهُ التِّرْمِذِيُّ وَابْنُ مَاجَةَ.

حضرت زيد بن ارقم رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن حضرت علي، حضرت فاطمہ، حضرت حسن ۽ حضرت حسين رضي الله عنهم جن کي فرمايو : توهان جنهن سان جنگ ڪندو منهنجي ان سان جنگ آهي ۽ توهان جنهن سان صلح ڪندو منهنجو بہ ان سان صلح آهي.” ان حديث کي امام ترمذي ۽ ابن ماجه روايت ڪيو آهي.

هيءَ حديث ڇهن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. ترمذي، السنن، ڪتاب : المناقب عن رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم، باب : فضل فاطمة بنت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم،ج 5 ص 699، حديث نمبر : 3870،
2. ابن ماجة، السنن، المقدمة، باب : فضل الحسن والحسين ابني عَلِيِّ بْنِ أبي طَالِبٍ رضي الله عنهم،ج 1 ص 52، حديث نمبر : 145،
3. حاڪم، المستدرڪ،ج 3 ص 161، حديث نمبر: 4714،
4. طبراني، المعجم الاوسط،ج 5 ص 182، حديث نمبر : 5015،
5. معجم، الڪبير،ج 3 ص 40، حديث نمبر : 2620،
6. صيداوي، معجم الشيوخ، 1 / 133، حديث نمبر : 85.

**40.** عَنِ ابْنِ مَسْعُوْدٍ، قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم : إِنَّ فَاطِمَةَ أَحْصَنَتْ فَرْجَهَا، فَحَرَّمَ اللهُ ذُرِّيَّتَهَا عَلَي النَّارِ. رَوَاهُ الْحَاكِمُ وَالْبَزَّارُ وَأَبُونُعَيْمٍ. وَقَالَ الْحَاكِمُ : هَذَا حَدِيْثٌ صَحِيْحُ الإِسْنَادِ.

حضرت عبد الله بن مسعود رضي الله عنه بيان ڪري ٿو تہ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : بيشڪ فاطمه (سلام الله عليها) جن پنهجي عصمت جي حفاظت ڪئي تہ الله تعاليٰ ان

جي بدلي سندس اولاد تي باهہ کي حرام ڪري ڇڏيو.'' ان حديث کي امام حاڪم روايت ڪيو آهي ۽ چيائين تہ هيءُ حديث صحيح الاسناد آهي.

هيءُ حديث چئن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. حاڪم، المستدرڪ،ج 3 ص 165، حديث نمبر : 4726،
2. بزار، المسند،ج 5 ص 223، حديث نمبر : 1829،
3. ابو نعيم، حلية الاولياء،ج 4 ص 188،
4. مناوي، فيض القدير،ج 2 ص 462.

**41.** عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ حَنْطَبٍ قَالَ : خَطَبَنَا رَسُوْلُ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم بِالْجَحْفَةِ فَقَالَ : أَلَسْتُ أَوْلَي بِأَنْفُسِكُمْ؟ قَالُوْا : بَلَي يَا رَسُوْلَ اللهِ، قَالَ : فَإِنِّي سَائِلُكُمْ عَنِ اثْنَيْنِ : عَنِ الْقُرَآنِ وَعَنْ عِتْرَتِي. أَلاَ وَلاَ تَقَدَّمُوْا قُرَيْشًا فَتَضِلُّوْا وَلاَ تَخَلَّفُوْا عَنْهَا فَتَهْلِكُوْا وَلاَ تُعَلِّمُوْهَا فَهُمْ أَعْلَمُ مِنْكُمْ قُوَّةَ رَجُلَيْنِ مِنْ غَيْرِهِمْ. لَوْلاَ أَنْ تَبْطُرَ قُرَيْشٌ لَأَخْبَرْتُهَا بِمَا لَهَا عِنْدَ اللهِ خِيَارُ قُرَيْشٍ خِيَارُ النَّاسِ. رَوَاهُ أَبُونُعَيْمٍ.

حضرت عبد الله بن حنطب رضي الله عنه بيان ڪري ٿو تہ هڪ دفعي حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جحفه جي مقام تي اسان سان مخاطب ٿي فرمايائون : ڇا مان توهان کي توهان جي جانن کان وڌيڪ پيارو نہ آهيان؟ صحابہ ڪرام عرض ڪيو ڇو نہ يارسول الله!(صلي الله عليہ وسلم) پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : پوءِ مان توهان کان ٻن شين جي باري ۾ سوال ڪندڙ آهيان. قرآن مجيد جي باري ۾ ۽ پنهنجي عترت اهل بيت جي باري ۾. خبر دار قريش تي پيش قدمي نہ ڪيو جو توهان گمراهہ ٿي وڃو ۽ نہ انهن کان پوئتي ٿيو جو توهان هلاڪ ٿي وڃو ۽ نہ انهن کي سيکاريو جو اُهي توهان کان زياده ڄاڻيندڙ آهن قوت رکن ٿا عام ماڻهن مان ٻن ماڻهن جي ۽ جيڪڏهن قريش فخر نہ ڪن ها تہ مان ضرور انهن کي ٻڌايان ها الله تعاليٰ وٽ انهن جو ڇا مقام آهي قريش مان بهترين شخص تمام ماڻهن کان بهترين آهن.'' ان حديث کي امام ابونعيم روايت ڪيو آهي.

هيءُ حديث ٽن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. أبو نعيم، حلية الاولياء، ج 9 ص 64،
2. ابن الاثير، أسد الغابة، ج 3ص 147،
3. هيثمي، مجمع الزوائد، ج 5 ص 195.

42. عَنِ ابْنِ عُمَرَ، قَالَ : كَانَ آخِرَ مَا تَكَلَّمَ بِهِ رَسُوْلُ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم أَخْلِفُوْنِي فِي أَهْلِ بَيْتِي. رَوَاهُ الطَّبَرَانِيُّ.

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما بيان كري ٿو تہ آخري ڳالهہ جيڪا حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن ارشاد فرمائي هيءَ هئي تہ مونکي منهنجي اهل بيت ۾ تلاش ڪيو.“ ان حديث کي امام طبراني روايت ڪيو آهي.

هيءَ حديث ٻن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. طبراني، المعجم الاوسط، ج 4 ص 157، حديث نمبر: 3860،
2. هيثمي، مجمع الزوائد، ج 9 ص 163.

43. عَنْ زَيْدِ بْنِ أَرْقَمَ رضي الله عنه في رواية طويلة : قَالَ : قَالَ النَّبِيُّ صلي الله عليه وآله وسلم : انْظُرُوْا كَيْفَ تَخْلُفُوْنِي فِي الثَّقَلَيْنِ. فَنَادَي مُنَادٍ وَ مَا الثَّقَلاَنِ يَا رَسُوْلَ اللهِ، قَالَ : كِتَابُ اللهِ طَرَفٌ بِيَدِ اللهِ وَ طَرَفٌ بِأَيْدِيْكُمْ فَاسْتَمْسِكُوْا بِهِ لاَ تَضِلُّوْا، وَالآخَرُ عِتْرَتِي وَ إِنَّ اللَّطِيْفَ الْخَبِيْرَ نَبَّأَنِي أَنَّهُمَا لَنْ يَتَفَرَّقَا حَتَّي يَرِدَا عَلَيَّ الْحَوْضَ، سَأَلْتُ رَبِّي ذَلِکَ لَهُمَا، فَلاَ تَقَدَّمُوْهُمَا فَتَهْلِكُوْا، وَلاَ تَقْصُرُوا عَنْهُمَا فَتَهْلِكُوْا، وَلاَ تُعَلِّمُوْهُمْ فَإِنَّهُمْ أَعْلَمُ مِنْكُمْ ثُمَّ أَخَذَ بِيَدِ عَلِيٍّ فَقَالَ : مَنْ كُنْتُ أَوْلَي بِهِ مِنْ نَفْسِي فَعَلِيٌّ وَلِيُّهُ اللَّهُمَّ، وَالِ مَنْ وَالاَهُ وَ عَادِ مَنْ عَادَاهُ. رَوَاهُ الطَّبَرَانِيُّ.

حضرت زيد بن ارقم رضي الله عنه هڪ طويل روايت ۾ بيان ڪري ٿو تہ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : ڏسجي تہ توهان مون کان بعد ٻن وزني شين سان ڪيئن نڀايو ٿا. پوءِ ندا ڏيندڙ ندا ڪئي يا رسول الله!(صلي الله عليہ وسلم) اهي ٻہ وزني شيون ڪهڙيون آهن؟ پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو :هڪ الله تعاليٰ

جو ڪتاب جنهن جو هڪ ڪنارو الله تعاليٰ جي هٿ ۾ ۽ ٻيو ڪنارو توهان جي هٿ ۾ آهي پوءِ جيڪڏهن توهان ان کي مضبوطي سان پڪڙي رکيو ته ڪڏهن به گمراه نه ٿيندو ۽ ٻي شيءِ منهنجي عترت آهي ۽ بيشڪ ان لطيف و خبير رب مونکي خبر ڏني آهي ته اهي ٻئي شيون ڪڏهن به جدا نه ٿينديون ايستائين جو مون وٽ حوض ڪوثر تي حاضر ٿينديون ۽ اِهو انهن ٻنهي لاءِ مان پنهنجي رب گهريو آهي. پوءِ توهان انهن تي پيش قدمي نه ڪيو جو توهان هلاڪ ٿي ويجو ۽ نه انهن کان پوئتي ٿيو جو توهان هلاڪ ٿي ويجو ۽ نه انهن کي سيکاريو جو اُهي توهان کان زياده ڄاڻيندڙ آهن پوءِ پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن حضرت علي رضي الله عنه جن جو هٿ پڪڙيائون ۽ فرمايائون : مان جنهن کي پنهنجي جان کان وڌيڪ پيارو آهيان ته علي (ڪرم الله وجهه) انجو مولا آهي اي الله! جيڪو علي (ڪرم الله وجهه) کي پنهنجو مولا سمجهي تون به انجو مولا ٿي ۽ جيڪو عِلي (ڪرم الله وجهه) سان عداوت رکي تون به ان سان عداوت رک.'' ان حديث کي امام طبراني روايت ڪيو آهي .

هيءَ حديث هڪ ڪتابن ۾ موجود آهي

1. طبراني، المعجم الكبير،ج 5ص 166، حديث نمبر : 4971.

44. عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم : أَحِبُّوْا اللهَ لِمَا يَغْذُوْكُمْ مِنْ نِعَمِهِ، وَأَحِبُّوْنِي بِحُبِّ اللهِ عزوجل. وَأَحِبُّوا أَهْلَ بَيْتِي لِحُبِّي. رَوَاهُ التِّرْمِذِيُّ وَالْحَاكِمُ. وَقَالَ أَبُوعِيْسَي : هَذَا حَدِيْثٌ حَسَنٌ.

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما بيان ڪري ٿو ته حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : الله تعاليٰ سان محبت ڪيو انجي نعمتن جي وجهه سان جيڪي ان توهان کي عطا فرمايون ۽ مون سان محبت ڪيو الله جي محبت جي سبب ۽ منهنجي اهل بيت سان منهنجي خاطر محبت ڪيو.'' ان حديث کي امام ترمذي ۽ حاڪم روايت ڪيو آهي ۽ امام ترمذي فرمايو ته هيءَ حديث حسن آهي.

هيءَ حديث ٽن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. ترمذي، السنن، كتاب : المناقب، باب : مناقب أهل البيت النبي صلي الله عليه وآله وسلم،ج 5 ص 664، حديث نمبر : 3789،

2. حاكم، المستدرك،ج 3 ص 162، حديث نمبر : 4716،
3. بيهقي، شعب الايمان،ج 1 ص 366، حديث نمبر: 408.

**45.** عَنِ الْعَبَاسِ بْنِ عَبْدِ الْمُطَّلِبِ رضي الله عنهما قَالَ : كُنَّا نَلْقَي النَّفَرَ مِنْ قُرَيْشٍ، وَهُمْ يَتَحَدَّثُوْنَ فَيَقْطَعُوْنَ حَدِيْثَهُمْ، فَذَكَرْنَا ذَلِکَ لِرَسُوْلِ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم، فَقَالَ : مَا بَالُ أَقْوَامٍ يَتَحَدَّثُوْنَ فَإِذَا رَأَوْا الرَّجُلَ مِنْ أَهْلِ بَيْتِي قَطَعُوْا حَدِيْثَهُمْ وَاللهِ، لاَ يَدْخُلُ قَلْبَ رَجُلٍ الإِيْمَانُ حَتَّي يُحِبَّهُمْ لِلّهِ وَلِقَرَابَتِهِمْ مِنِّي. رَوَاهُ ابْنُ مَاجَةَ وَالْحَاكِمُ.

حضرت عباس رضي الله عنه بيان ڪن ٿا تہ اسان قريش جي جماعت سان ملندا هئا سين ۽ اهي اگر پاڻ ۾ گفتگو ڪندا هيا تہ گفتگو روڪي ڇڏيندا هئا. اسان حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي بارگاهِ اقدس ۾ ان ڳالهہ جي شڪايت ڪئي تہ پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو: ماڻهن کي ڇا ٿي ويو آهي جڏهن منهنجي اهل بيت مان ڪنهن کي ڏسن ٿا تہ گفتگو روڪي ڇڏن ٿا؟ الله رب العزت جو قسم! ڪنهن بہ شخص کي دل ۾ ان وقت تائين ايمان داخل نہ ٿيندو جيستائين ان سان الله تعاليٰ جي لاءِ ۽ منهنجي قرابت جي وجهہ سان محبت نہ ڪري ."

ان حديث کي امام ابن ماجه ۽ حاڪم روايت ڪيو آهي .

هيءَ حديث پنجن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. ابن ماجة ، سنن، المقدمة، باب : فضل العباس بن عبد المطلب رضي الله عنہ،ج 1 ص 50، حديث نمبر: 140،
2. حاكم، المستدرك،ج 4 ص 85، حديث نمبر : 6960،
3. مقدسي، الاحاديث المختارة،ج 8 ص 382، حديث نمبر : 472،
4. ديلمي ، مسند الفردوس،ج 4 ص 113، حديث نمبر : 6350،
5. سيوطي، شرح سنن ابن ماجة،ج 1 ص 13، حديث نمبر : 140.

**46.** عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ مَسْعُوْدٍ رضى الله عنهما، عَنْ رَسُوْلِ اللهِ صلى الله عليه وآله وسلم ، قَالَ : إِنَّ اللهَ أَمَرَنِيْ أَنْ أُزَوِّجَ فَاطِمَةَ مِنْ عَلِيٍّ. رَوَاهُ الطَّبَرَانِيُّ فِي الْمُعْجَمِ الْكَبِيْرِ.

حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنهما روايت ڪري ٿو ته حضور نبي اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن فرمايو : الله تعالىٰ مونکي حڪم ڏنوتہ مان فاطمه (سلام الله عليها) جونڪاح علي (ڪرم الله وجهہ)سان ڪرايان . ان حديث کي امام طبراني ''المعجم الڪبير'' ۾ روايت ڪيو آهي.

هيءُ حديث ڇئن ڪتابن ۾ موجود آهي

1- طبراني، المعجم الڪبير،ج 10 ص 156، حديث نمبر: 10305،
2- هيثمي، المجمع الزوائد،ج 9 ص 204،
3- مناوي، الفيض القدير،ج 2 ص 215،
4- حسيني، البيان و التعريف،ج 1 ص 174.

47. عَنْ سَعِيْدِ بْنِ الْمُسَيَبِ عَنْ أُمِّ أَيْمَنَ قَالَتْ : زَوَّجَ رَسُوْلُ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم ابْنَتَهُ فَاطِمَةَ مِنْ عَلِيِّ بْنِ أَبِيْ طَالِبٍ وَأَمَرَهُ أَنْ يَدْخُلَ عَلَى فَاطِمَةَ حَتَّى يَجِيْئَهُ. وَكَانَ الْيَهُوْدُ يُؤَخِّرُوْنَ الرجُلَ عَنْ أَهْلِهِ. فَجَاءَ رَسُوْلُ اللهِ صلى الله عليه وآله وسلم حَتَّى وَقَفَ بِالْبَابِ وَسَلَّمَ، فَاسْتَأْذَنَ فَأُذِنَ لَهُ، فَقَالَ : أَثَمَّ أَخِيْ؟ فَقَالَتْ أُمُّ أَيْمَنَ : بِأَبِي أَنْتَ وَأُمِّي يَارَسُوْلَ اللهِ! مَنْ أَخُوْکَ؟ قَالَ : عَلِيُّ بْنُ أَبِي طَالِبٍ، قَالَتْ : وَکَيْفَ يَكُوْنُ أَخَاکَ وَقَدْ زَوَّجْتَهُ ابْنَتَکَ؟ قَالَ : هُوَ ذَاکَ يَا أُمَّ أَيْمَنَ، فَدَعَا بِمَاءٍ إِنَاءٍ فَغَسَلَ فِيْهِ يَدَيْهِ ثُمَّ دَعَا عَلِيًّا فَجَلَسَ بَيْنَ يَدَيْهِ فَنَضَحَ عَلَى صَدْرِهِ مِنْ ذَلِکَ الْمَاءِ وَبَيْنَ كَتِفَيْهِ، ثُمَّ دَعَا فَاطِمَةَ فَجَاءَتْ بِغَيْرِ خِمَارٍ تَعْثُرُ فِي ثَوْبِهَا ثُمَّ نَضَحَ عَلَيْهَا مِنْ ذَلِکَ الْمَاءِ، ثُمَّ قَالَ : والله مَا أَلَوْتُ أَنْ زَوَّجْتُکِ خَيْرَ أَهْلِيْ وَ قَالَتْ أُمُّ أَيْمَنَ : وُلِّيْتُ جِهَازَهَا فَكَانَ فِيْمَا جَهَزْتُهَا بِهِ مِرْفَقَةٌ مِنْ أَدَمٍ حَشْوُهَا لِيْفٌ، وَبَطْحَاءُ مَفْرُوشٌ فِي بَيْتِهَا. رَوَاهُ ابْنُ سَعْدٍ فِي الطَّبَقَاتِ الْكُبْرَىٰ

حضرت سعيد بن مسيب رضي الله عنه حضرت أم ايمن رضي الله عنها کان روايت ڪري ٿو ان (ام ايمن ) چيو تہ حضور نبي اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن پنهنجي صاحبزادي حضرت فاطمه رضي الله

عنها جن جي شادي حضرت علي بن ابي طالب رضي الله عنه جن سان
ڪرائي ۽ پاڻ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن ان (علي ڪرم الله وجهہ) کي
حڪم ڏنوتہ أهي فاطمه (سلام عليها) وٽ وڃن تانجو أهي (علي ڪرم الله
وجهہ) حضرت فاطمه رضي الله عنها جن وٽ آيا(هي حڪم ان لاءِ فرمايو
ويو جو يهودن جي مخالفت ٿئي ڇو تہ يهودن جي اِها عادت هُئي أهي زال
مڙس جي پهرين ملاقات ۾ تاخيرڪرا ئيندا هئا). پوءِ حضور نبي اڪرم
صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن تشريف فرما ٿيا ايستائين جو پاڻ صلي الله
عليہ وآلہ وسلم جن دروازي تي بيٺا رهيا ۽ سلام ڪيائون ۽ اندراچڻ جي
اجازت طلب ڪيائون پوءِ پاڻ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کي اجازت
ڏني وئي ، پاڻ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن فرمايو :ڇا منهنجو ڀاءُ اِتي
آهي؟ تہ ام ايمن عرض ڪيو يا رسول الله!( صلي الله عليہ وآلہ وسلم)
منهنجا ماءُ ۽ پيءُ توهان تي قربان ٿين. توهان جو ڀاءُ ڪيرآهي؟ پاڻ صلي
الله عليہ وآلہ وسلم جن فرمايو : منهنجو ڀاءُ علي بن ابي طالب(ڪرم الله
وجهہ) آهي وري انهيءَ عرض ڪيو: يا رسول الله!( صلي الله عليہ وآلہ
وسلم) أهو(علي ڪرم الله وجهہ) توهان جوڪهڙي طرح ڀاءُ ٿي سگهي ٿو؟
حالانڪہ توهان پنهنجي صاحبزادي جو نڪاح ان سان ڪيوآهي . پاڻ صلي
الله عليہ وآلہ وسلم جن فرمايو : اي ام ايمن ! اِهو انهيءَ طرح آهي . پوءِ
پاڻ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن پاڻيءَ جوهڪ ٿانوگهرايو ۽ ان ۾ پنهنجا
هٿ مبارڪ ڌوتائون ۽ حضرت علي رضي الله عنه جي سامهون ويٺا ۽ پاڻ
صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن ان پاڻيءَ مان ڪجهہ سندن (علي ڪرم الله
وجهہ) جن جي سيني تي ۽ ڪجهہ سندن (علي ڪرم الله وجهہ) جن جي
ڪلهن جي درميان ڇڙڪيائون. پوءِ حضرت فاطمه سلام الله عليها جن کي
سڏيائون سائڻ پنهنجن ڪپڙن ۾ ڍڪيل آيون ، حضور نبي اڪرم صلي
الله عليہ وآلہ وسلم جن اهو پاڻي سائڻ سلام الله عليها جن تي بہ ڇڙڪيو
پوءِ فرمايائون : خدا جو قسم! اي فاطمه!(سلام الله عليها) مان تنهنجي
شادي پنهنجي خاندان ۾ سڀ کان ڀلي شخص سان ڪئي آهي ۽ تنهنجي
حق ۾ ڪابہ گهٽتائي نہ ڪئي آهي . حضرت ام ايمن فرمائي ٿي تہ مونتي
حضرت فاطمه رضي الله عنها جن جي ڏاج جي ذ ميداري رکي وئي پوءِ

جيڪي شيون سائڻ رضي الله عنها جن جي ڏاج ۾ تيار ڪيون ويون انهن ۾ هڪ چمڙي جو ويهاڻو هيوجنهن ۾ ڪجيء جو ڪاٻر پريل هو ۽ هڪ تڏو هيو جيڪو سائڻ سلام الله عليها جن جي گهر ۾ وڇايو ويو. ان حديث کي ابن سعد "الطبقات الکبريٰ" ۾ روايت ڪيوآهي .

هيء حديث هڪ ڪتاب ۾ موجود آهي

1- ابن سعد، الطبقات الکبريٰ، ج8 ص 24

48. عَنْ أَنَسٍ رضى الله عنه، قَالَ : بَيْنَمَا رَسُوْلُ اللهِ صلى الله عليه وآله وسلم فِي الْمَسْجِدِ، إِذْ قَالَ صلى الله عليه وآله وسلم لِعَلِيِّ : هَذَا جِبْرِيْلُ يُخْبِرُنِيْ أَنَّ اللهَ عزوجل زَوَّجَکَ فَاطِمَةَ، وَ أَشْهَدَ عَلَى تَزْوِيْجِکَ أَرْبَعِيْنَ أَلْفَ مَلَکٍ، وَ أَوْحَى إِلَيَ شَجَرَةِ طُوْبٰى أَنِ انْثُرِيْ عَلَيْهِمُ الدُّرَّ وَاليَاقُوْتَ، فَنَثَرَتْ عَلَيْهِمُ الدُّرَّ وَ اليَاقُوْتَ، فَابْتَدَرَتْ إِلَيْهِ الْحُوْرُ الْعِيْنُ يَلْتَقِطْنَ مِنْ أَطْبَاقِ الدُّرِّ وَ اليَاقُوْتِ، فَهُمْ يَتَهَادُوْنَهُ بَيْنَهُمْ إِلَي يَوْمِ الْقِيَامَةِ.

رَوَاهُ مُحِبُّ الدِّيْنِ أَحْمَدُ الطَّبْرِيُّ فِي الرِّيَاضِ النَّضِرَةِ.

حضرت انس رضي الله عنه کان مروي آهي تہ حضور نبي اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن مسجد ۾ تشريف فرما هئا جو حضرت علي رضي الله عنه جن کي فرمايائون هي جبريل امين عليه السلام آهي جيڪو مونکي ٻڌائي رهيو آهي تہ الله تعاليٰ فاطمه (سلام الله عليها) سان توهان جي شادي ڪري ڇڏي آهي. ۽ توهان جي نڪاح تي(ملاء اعليٰ ۾) چاليهہ هزار فرشتن کي گواه جي طور تي مجلس نڪاح ۾ شريڪ ڪيائين،۽ شجرطوبٰي کي فرمايائين :انهن تي موتي ۽ ياقوت نڇاورڪيو، پوء دلڪش اکن واريون حورون انهن موتن ۽ ياقوتن سان ٿال ڀرڻ لڳيون . جنکي (تقريب نڪاح ۾ شرڪت ڪرڻ وارا) فرشتا قيامت تائين هڪ ٻئي کي بطور تحائف ڏيندا رهندا. ان حديث کي امام محب الدين احمد الطبري روايت ڪيو آهي.

هيء حديث ٻن ڪتابن ۾ موجود آهي

1- محب الدين احمد الطبري، الرياض النضره في مناقب العشره،ج 3 ص 146

2- ذخائر العقبي في مناقب ذوي القربي :ص 72

49. عَنْ عَلِيٍّ رضى الله عنه قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم : أَتَانِي مَلَکٌ، فَقَالَ : يَا مُحَمَّدُ! إِنَّ اللهَ تَعَالٰي يَقْرَأُ عَلَيْکَ السَّلَامَ، وَ يَقُوْلُ لَکَ : إِنِّيْ قَدْ زَوَّجْتُ فَاطِمَةَ ابْنَتَکَ مِنْ عَلِي بْنِ أَبِيْ طَالِبٍ فِيْ الْمَلأِ الْأَعْلَي، فَزَوِّجْهَا مِنْهُ فِي الْأَرْضِ. رَوَاهُ مُحِبُّ الدِّيْنِ أَحْمَدُ الطَّبْرِيُّ فِي ذَخَائِرِ الْعُقْبَي.

حضرت علي کرم الله وجهہ جن کان روايت آهي تہ حضور نبي اکرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : مون وٽ هڪ فرشتي اچي ٻڌايو اي محمد!( صلي الله عليه وآله وسلم) الله تعاليٰ توهان تي سلام موکليوآهي ۽ فرمايوآهي: تہ مان (الله جل جلالہ) توهان جي صاحبزادي فاطمه (سلام الله عليها) جو نکاح ملاء اعليٰ ۾ علي بن ابي طالب(کرم الله وجهہ) سان کري ڇڏيوآهي، پوءِ توهان بہ فاطمه (سلام لله عليها) جو نکاح علي (کرم الله وجهہ) سان کري ڇڏيو. ان حديث کي امام محب الدين احمد الطبري روايت کيوآهي.

هيءَ حديث هڪ کتاب ۾ موجود آهي

1- محب الدين أحمد الطبري، ذخائر العقبي في مناقب ذوي القربي : ص73

50. عَنْ عَمَّارِ بْنِ يَاسِرٍ رضى الله عنه، يَقُوْلُ : وَقَفَ عَلَى عَلِيِّ بْنِ أَبِي طالب رضى الله عنه سَائِلٌ وَ هُوَ رَاكِعٌ فِي تَطَوُّعٍ فَنَزَعَ خَاتَمَهُ فَأَعْطَاهُ السَّائِلَ، فَأَتَى رَسُوْلَ اللهِ صلى الله عليه وآله وسلم فَأَعْلَمَهُ ذٰلِکَ، فَنَزَلَتْ عَلَى النَّبِي صلى الله عليه وآله وسلم هٰذِهِ الآيَةُ : (إِنَّمَا وَلِيُّکُمُ اللهُ وَ رَسُوْلُهُ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوا الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلَاةَ وَ يُؤْتُوْنَ الزَّکَاةَ وَ هُمْ رَاکِعُوْنَ) فَقَرَأَهَا رَسُوْلُ اللهِ صلى الله عليه وآله وسلم ثُمَّ قَالَ : مَنْ کُنْتُ مَوْلَاهُ فَعَلِيٌّ مَوْلَاهُ، اَللّٰهُمَّ! وَالِ مَنْ وَالَاهُ وَ عَادِ مَنْ عَادَاهُ. رَوَاهُ أَحْمَدُ وَالْحَاکِمُ وَ الطَّبَرَانِيُّ فِي الْمُعْجَمِ الْأَوْسَطِ.

حضرت عمار بن ياسر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ هک سائل حضرت علي رضي الله عنه جن وٽ آيو. پاڻ رضي الله عنه جن نماز ۾ حالتِ رکوع ۾ هيا . اُن سائين کرم الله وجهہ جن جي مُندي چکي . سائين کرم الله وجهہ جن مُندي سائل کي عطا فرمائي حضرت علي رضي الله عنه رسولِ اکرم صلي الله عليه وآله وسلم جن وٽ آيا ۽ پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن کي اُن جي خبر ڏنائون . ان موقع تي پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن تي هيءَ آيتِ کريمہ نازل ٿي: (إِنَّمَا وَلِيُّکُمُ اللهُ وَ رَسُوْلُهُ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوا الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلَاةَ وَ يُؤْتُوْنَ الزَّکَاةَ وَ هُمْ رَاکِعُوْنَ) بيشک توهان جو مدد گارالله ۽ ان جو رسول آهي ۽ اُهي ايمان وارا آهن جو قائم کن ٿا نماز ۽ ڏين ٿا زکوٰة ۽ اُهي (الله جي حضور عاجزي سان) جهکندڙ آهن ) پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن ان آيت کي پڙهيو ۽ فرمايائون : "جنهن جو مان مولا آهيان اُن جوعلي (کرم الله وجهہ) مولا آهي ، اي الله! جيکو اِنکي دوست رکي تون بہ ان کي دوست رَک ۽ جيکو ان سان عداوت رکي تون بہ اُن سان عداوت رَک. ان حديث کي امام احمد بن حنبل، امام حاکم ۽ امام طبراني المعجم الکبير ۽ المعجم الاوسط ۾ روايت کيو آهي .

هيءَ حديث انن کتابن ۾ موجود آهي

1- أحمد بن حنبل، المسند،ج 1 ص 119،ءِ ج 4 ص 372،
2- حاکم، المستدرک،ج 3 ص 119، 371، حديث نمبر: 4576، 5594،
3- طبراني، المعجم الاوسط،ج 7 ص 129، 130، حديث نمبر: 6228،
4- طبراني، المعجم الکبير،ج 4 ص 174، حديث نمبر: 4053، ۽ ،ج 5 ص 195، 203، 204، حديث نمبر: 5068، 5069، 5092، 5097،
5- طبراني، المعجم الصغير،ج 1 ص 65،
6- هيثمي، المجمع الزوائد، ج7 ص 17،
7- هيثمي، موارد الظمآن :ص 544، حديث نمبر: 2205،
8- خطيب البغدادي، تاريخ بغداد،ج 7 ص 377.

51. عَنْ حُذَيْفَةَ بْنِ أُسَيْدٍ الْغَفَّارِيِّ. . . فَقَالَ : يَا أَيُّهَا النَّاسُ إِنِّي قَدْ نَبَّأَنِي اللَّطِيْفُ الْخَبِيْرُ أَنَّهُ لَنْ يُعَمَّرَ نَبِيٌّ إِلَّا نِصْفَ عُمْرِ الَّذِيْ يَلِيْهِ مِنْ قَبْلِه، وَ إِنِّي لَأَظُنُّ أَنِّي يُوْشِکُ أَنْ أُدْعَى فَأُجِيْبُ، وَ إِنِّي مَسْؤُوْلٌ، وَ إِنَّکُمْ

مَسْؤُوْلُوْنَ، فَمَاذَا أَنْتُمْ قَائِلُوْنَ؟ قَالُوْا : نَشْهَدُ أَنَّکَ قَدْ بَلَغْتَ وَ جَهَدْتَ وَ نَصَحْتَ، فَجَزَاکَ اللهُ خَيْرًا، فَقَالَ : أَلَيْسَ تَشْهَدُوْنَ أَنْ لَا إِلَهَ إِلَّا اللهُ، وَ أَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهُ وَ رَسُوْلُهُ، وَ أَنَّ جَنَّتَهُ حَقٌّ وَ نَارَهُ حَقٌّ، وَ أَنَّ الْمَوْتَ حَقٌّ، وَ أَنَّ الْبَعْثَ بَعْدَ الْمَوْتِ حَقٌّ، وَ أَنَّ السَّاعَةَ آتِيَةٌ لَا رَيْبَ فِيْهَا وَ أَنَّ اللهَ يَبْعَثُ مَنْ فِي الْقُبُوْرِ؟ قَالُوْا : بَلَى، نَشْهَدُ بِذَالِکَ، قَالَ : اللَّهُمَّ! إِشْهَدْ، ثُمَّ قَالَ : يَا أَيُّهَا النَّاسُ! إِنَّ اللهَ مَوْلَايَ وَ أَنَا مَوْلَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَ أَنَا أَوْلَى بِهِمْ مِنْ أَنْفُسِهِمْ، فَمَنْ كُنْتُ مَوْلَاهُ فَهٰذَا مَوْلَاهُ يَعْنِي عَلِيًّا رضى الله عنه . . . أَللَّهُمَّ! وَالِ مَنْ وَالَاهُ، وَ عَادِ مَنْ عَادَاهُ. ثُمَّ قَالَ : يَا أَيُّهَا النَّاسُ إِنِّي فَرَطُكُمْ وَ إِنَّكُمْ وَارِدُوْنَ عَلَى الْحَوْضِ، حَوْضٌ أُعْرَضُ مَا بَيْنَ بُصْرَى وَ صَنْعَاءَ، فِيْهِ عَدَدَ النُّجُوْمِ قَدْحَانٌ مِنْ فِضَّةٍ، وَ إِنِّي سَائِلُكُمْ حِيْنَ تَرِدُوْنَ عَلَيَّ عَنِ الثَّقَلَيْنِ، فَانْظُرُوْا كَيْفَ تُخَلِّفُوْنِي فِيْهِمَا، الثَّقَلُ الْأَكْبَرُ كِتَابُ اللهِ سَبَبٌ طَرَفُهُ بِيَدِ اللهِ وَ طَرَفُهُ بِأَيْدِيْكُمْ فَاسْتَمْسِكُوْا بِهِ لَا تَضِلُّوا وَ لَا تُبَدِّلُوْا، وَ عِتْرَتِي أَهْلُ بَيْتِي، فَإِنَّهُ قَدْ نَبَّأَنِي اللَّطِيْفُ الْخَبِيْرُ أَنَّمَا لَنْ يَنْقَضِيَا حَتَّى يَرِدَا عَلَيَّ الْحَوْضَ. رَوَاهُ الطَّبَرَانِيُّ فِي الْمُعْجَمِ الْكَبِيْرِ.

حضرت حذيفہ بن أسيد غفاري رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو: اي انسانو! مونکي لطيف و خبير ذات خبر ڏني آهي تہ الله هر نبي کي پاڻ کان پهرين نبي جي اڌ عمرعطا فرمائي آهي ۽ مون کي گمان آهي تہ (عنقريب) الله تعاليٰ مونکي پنهنجي طرف اچڻ حڪم فرمائيندو ۽ مان ان کي قبول ڪندس ،۽ مون کان (منهنجن ذميدارن جي متعلق) پڇيو ويندو ۽ توهان کان بہ (منهنجي متعلق) پڇيو ويندو، (ان بابت) توهان ڇا ٿا چئو؟ انهن عرض ڪيو: اسان گواهي ڏيون ٿا تہ توهان اسان کي انتهائي جدوجهد سان دين پهچايو ۽ اسان کي ڀلائي جون ڳالهيون ارشاد فرمائيون ، الله تعاليٰ توهان کي جزائي خيرعطا فرمائي . پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن

فرمايو: ڇا توهان ان ڳالهه جي گواهي نٿا ڏيو ته الله کان سواءِ ڪوئي معبود ناهي ۽ محمد (صلي الله عليه وآله وسلم) الله جا پيارا ٻانها ۽ انجا رسول آهن، جنت ۽ دوزخ حق آهي موت ۽ موت کان بعد جي زندگي حق آهي، ۽ قيامت جي اچڻ ۾ ڪو شڪ ناهي، ۽ الله تعاليٰ اهل قبور کي ٻيهر اٿاريندو؟ سڀن جواب ڏنو: ڇو نه ! اسان انهن سڀن جي گواهي ڏيون ٿا . پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : اي الله! تون گواه ٿي، پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو اي انسانو! بيشڪ الله جل جلاله منهنجو مولا آهي ۽ مان تمام مؤمنين جو مولا آهيان ۽ مان مؤمنين کي انهن جي جانن کان وڌيڪ پيارو آهيان . جنهن جو مان مولا آهيان اُن جو هي (علي ڪرم الله وجهه) مولا آهي . اي الله! جيڪو اِن کي دوست رکي تون اُن کي دوست رَک، جيڪو اِن سان عداوت رکي تون اُن سان عداوت رَک. "اي انسانو! مان توهان کان پهريان ويندڙآهيان ۽ توهان مونکي حوض تي ملندو، هي حوض بصري ۽ صنعاء جي درمياني فاصلي کان به زياده موڪرو آهي . ان ۾ ستارن جي برابر چاندي جا پيالا آهن، جڏهن توهان مون وٽ ايندو ته مان توهان کان ٻن اهم شين جي متعلق پڇندم ، ڏسڻ جي ڳالهه اِها آهي ته توهان مون کان بعد ان ٻنهي سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو ٿا! پهرين اهم شيءِ الله جو ڪتاب آهي ، جيڪو هڪ حيثيت سان الله سان تعلق رکي ٿو ۽ ٻئي حيثيت سان ٻانهن سان تعلق رکي ٿو . توهان ان کي مضبوطي سان پڪڙيندو ته نه گمراه ٿيندو نه (حق کان) منحرف، ۽ (ٻئي اهم شيءِ) مون جي عترت يعني اهلِ بيت آهن (اُنهن جو دامن پڪڙي رکجو). مونکي لطيف و خبير ذات خبر ڏني آهي ته بيشڪ اِهي ٻئي حق کان نه هٽندا ايستائين جو مون سان حوض تي ملندا . ان حديث کي امام طبراني "المعجم الڪبير" ۾ روايت ڪيوآهي .

هيءُ حديث پنجن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. طبراني، المعجم الڪبير،ج 3 ص180،181، حديث نمبر: 3052، ۽ ج 3 ص67، حديث نمبر: 2683، ۽ ج 5 ص 166، 167،حديث نمبر: 4971.
2. هيثمي، المجمع الزوائد،ج 9 ص 164، 165،
3. حسام الدين الهندي، الڪنزالعمال،ج 1ص188،189،حديث نمبر:957، 958،
4. ابن عساڪر، تاريخ دمشق الڪبير،ج 45 ص 166، 167،
5. ابن ڪثير، البدايه والنهايه،ج 5 ص 463.

52. عنِ ابْنِ وَاثِلَةَ أنَّهُ سَمِعَ زَيْدَ بْنَ أرْقَمَ، يَقُوْلُ : نَزَلَ رَسُوْلُ اللهِ صلى الله عليه وآله وسلم بَيْنَ مَكَّةَ وَ الْمَدِيْنَةِ عِنْدَ شَجَرَاتٍ خَمْسٍ دَوْحَاتٍ عِظَامٍ، فَكَنَّسَ النَّاسُ مَا تَحْتَ الشَّجَرَاتِ، ثُمَّ رَاحَ رَسُوْلُ اللهِ صلى الله عليه وآله وسلم عَشِيَّةً، فَصَلَّى، ثُمَّ قَامَ خَطِيْباً فَحَمِدَ اللهَ وَ أثْنَى عَلَيْهِ وَ ذَكَرَ وَ وَعَظَ، فَقَالَ : مَا شَاءَ اللهُ أنْ يَقُوْلَ : ثُمَّ قَالَ : أيُهَا النَّاسُ! إنِّي تَارِكٌ فِيْكُمْ أمْرَيْنِ، لَنْ تَضِلُّوْا إنِ اتَّبَعْتُمُوْهُمَا، وَ هُمَا كِتَابُ اللهِ وَ أهْلُ بَيْتِي عِتْرَتِي، ثُمَّ قَالَ : أتَعْلَمُوْنَ أنِّي أوْلَى بِالْمُؤْمِنِيْنَ مِنْ أنْفُسِهِمْ؟ ثَلاَثَ مَرَّاتٍ، قَالُوْا : نَعَمْ، فَقَالَ رَسُوْلُ اللهِ صلى الله عليه وآله وسلم : مَنْ كُنْتُ مَوْلَاهُ فَعَلِيٌّ مَوْلَاهُ.
رَوَاهُ الْحَاكِمُ . وَقَالَ حَدِيثُ بُرَيْدَةَ الْأسْلَمِيِّ صَحِيْحٌ عَلٰى شَرْطِ الشَّيْخَيْنِ.

حضرت ابن واثلہ رضي الله عنه کان روايت آهي ته انهن زيد بن ارقم رضي الله عنه کان ٻڌو تہ حضور نبي اکرم صلي الله عليه وآله وسلم جن مکي ۽ مديني جي درميان پنج وڏن گھاٽن وڻن جي قريب پڙاءُ ڪيو. ماڻهن وڻن جي هيٺان صفائي ڪئي ۽ پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن ڪجھ دير آرام فرمايو، نماز ادا فرمائي، پوءِ خطاب فرمائڻ لاءِ اٿيا الله تعاليٰ جي حمد و ثنا بيان فرمايائون ۽ وعظ و نصيحت فرمايائون ، پوءِ جيڪوالله تعاليٰ چاهيو پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن بيان ڪيو. پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو: اي انسانو! مان توهان جي درميان ٻن شين کي ڇڏي وڃان ٿو، جيستائين توهان انهن جي پيروي ڪندو ڪڏهن بہ گمراه نہ ٿيندو ۽ اُهي (ٻہ شيون) الله جو ڪتاب ۽ منهنجا اهل بيت ۽ عترت آهن . ان کان بعد فرمايائون : ”ڇا توهان کي علم ناهي تہ مان مومنن کي پنهنجن جانن کان وڌيڪ پيارو آهيان؟“ ايئن ٽي مرتبہ فرمايائون. سين چيو جي هَا! پوءِ پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو: جنهن جو مان مولا آهيان اُن جو علي (ڪرم الله وجهہ) مولا آهي . ان حديث کي امام حاڪم روايت ڪيو آهي ۽ چيائين تہ بريده اسلمي جي روايت ڪيل حديث امام بخاري ۽ امام مسلم جي شرائط تي صحيح آهي .

هيءَ حديث هڪ ڪتاب ۾ موجود آهي

1. حاڪم، المستدرڪ،ج 3 ص 109، 110، حديث نمبر 4577

53. عَنْ رَفَاعَةَ بْنِ إِيَاسٍ الضَّبِّيِّ، عَنْ أَبِيْهِ، عَنْ جَدِّهِ، قَالَ : كُنَّا مَعَ عَلِيٍّ رضی الله عنه يَوْمَ الْجَمَلِ، فَبَعَثَ إِلَى طَلْحَةَ بْنِ عُبَيْدِ اللهِ أَنْ إِلْقَنِيْ، فَأَتَاهُ طَلْحَةُ، فَقَالَ : نَشَدْتُکَ اللهَ، هَلْ سَمِعْتَ رَسُوْلَ اللهِ صلی الله عليه وآله وسلم يَقُوْلُ : مَنْ کُنْتُ مَوْلَاهُ فَعَلِيٌّ مَوْلَاهُ، اَللّٰهُمَّ وَالِ مَنْ وَالَاهُ وَ عَادِ مَنْ عَادَاهُ؟ قَالَ : نَعَمْ، قَالَ : فَلِمَ تُقَاتِلُنِيْ؟ قَالَ : لَمْ أَذْکُرْ، قَالَ : فَانْصَرَفَ طَلْحَةُ. رَوَاهُ الْحَاکِمُ.

حضرت رفاعه بن اِياس ضبي رضي الله عنه پنهنجي والد کان ۽ اهو پنهنجي ڏاڏي کان روايت ڪري ٿو تہ اسان جمل واري ڏينهن حضرت علي رضي الله عنه جن سان گڏ هئا سين . پاڻ رضي الله عنه جن طلحه بن عبيد الله رضي الله عنهما جي طرف ملاقات جو پيغام موڪليو. پوءِ طلحه سندن وٽ آيو . پاڻ رضي الله عنه جن فرمايو: مان توهان کي الله جو قسم ڏيان ٿو، ڇا توهان حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن کان ٻڌو تہ جنهن جو مان مولا آهيان أن جو علي (ڪرم الله وجهہ) مولا آهي، اي الله! جيڪوعلي (ڪرم الله وجهہ) کي دوست رکي تون أن کي دوست رَک، جيڪو ان سان عداوت رکي تون أن سان عداوت رَک؟'' حضرت طلحه رضي الله عنه چيو: ها! حضرت علي رضي الله عنه جن فرمايو : تہ پوءِ مون سان ڇو جنگ ڪرين ٿو؟ طلحه رضي الله عنه چيو: مونکي اِها ڳالهہ ياد نہ هئي . راوي چيو: (أن کان بعد) طلحه رضي الله عنه واپس موٽي ويو . ان حديث کي امام حاڪم روايت ڪيوآهي .

هيءَ حديث هڪ ڪتاب ۾ موجود آهي

1. حاڪم، المستدرڪ،ج 3 ص 371، حديث نمبر: 5594

54. عَنْ أَبِي يَزِيْدَ الْأَوْدِيِّ عَنْ أَبِيْهِ، قَالَ : دَخَلَ أَبُوْهُرَيْرَةَ الْمَسْجِدَ فَاجْتَمَعَ إِلَيْهِ النَّاسُ، فَقَامَ إِلَيْهِ شَابٌ، فَقَالَ : أَنْشُدُکَ بِاللهِ، أَسَمِعْتَ رَسُوْلَ

اللهِ صلى الله عليه وآله وسلم يَقُوْلُ : مَنْ كُنْتُ مَوْلَاهُ فَعَلِيٌّ مَوْلَاهُ، اللّٰهُمَّ! وَالِ مَنْ وَالَاهُ. فَقَالَ : أَشْهَدُ أَنْ سَمِعْتُ رَسُوْلَ اللهِ صلى الله عليه وآله وسلم يَقُوْلُ : مَنْ كُنْتُ مَوْلَاهُ فَعَلِيٌّ مَوْلَاهُ، اللّٰهُمَّ! وَالِ مَنْ وَالَاهُ، وَ عَادِ مَنْ عَادَاهُ. رَوَاهُ أَبُوْيَعْلَى فِي مُسْنَدِهِ.

ابو يزيد اودي رضي الله عنه پنهنجي والد کان روايت ڪري ٿو تہ (هڪ دفعي) حضرت ابوهريره رضي الله عنه مسجد ۾ داخل ٿيا تہ ماڻهن پاڻ رضي الله عنه جن جي چوڌاري گڏ ٿي ويا . اُنهن مان هڪ نوجوان اُٿي ڪري چيو : مان توهان کي الله جو قسم ڏيان ٿو، ڇا توهان حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن کي هي فرمائيندي ٻڌو تہ جنهن جو مان مولا آهيان اُن جوعلي (ڪرم الله وجهہ) مولا آهي ، اي الله! جيڪوعلي (ڪرم الله وجهہ) کي دوست رکي تون اُن کي دوست رَک ؟ اِن تي انهن چيو : مان گواهي ڏيان ٿو تہ مان رسولِ اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن کي هي فرمائيندي ٻڌو آهي تہ جنهن جو مان مولا آهيان اُن جو علي (ڪرم الله وجهہ) مولا آهي ، اي الله! جيڪوعلي (ڪرم الله وجهہ) کي دوست رکي تون اُن کي دوست رَک، جيڪو ان سان عداوت رکي تون اُن سان عداوت رَک . ان حديث کي ابويعلي پنهنجي مسند ۾ روايت ڪيوآهي.

هيءُ حديث پنجن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. أبو يعلي، المسند،ج 11 ص 307، حديث نمبر: 6423،
2. ابن ابي شيبہ، المصنف،ج 12 ص 68، حديث نمبر: 12141،
3. ابن عساڪر، تاريخ دمشق الڪبير،ج 45 ص 175،
4. هيثمي، المجمع الزوائد،ج ٩ ص 105، 106.
5. ابن ڪثير، البدايہ و النهايہ،ج 4 ص 174.

55. عَنْ عِمْرَانَ بْنِ حُصَيْنٍ، فِي رِوَايَةٍ طَوِيْلَةٍ مِنْهَا إِنَّ عَلِيًّا مِّنِّيْ وَأَنَا مِنْهُ وَهُوَ وَلِيُّ كُلِّ مُؤْمِنٍ بَعْدِيْ. رَوَاهُ التِّرْمِذِيُّ. وَقَالَ هَذَا حَدِيْثٌ حَسَنٌ.

حضرت عمران بن حصين رضي الله عنه هڪ طويل روايت ۾ بيان ڪري ٿو تہ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو:

بيشڪ علي (ڪرم الله وجهہ) مون کان آهي ۽ مان ان کان آهيان ۽ مون کان بعد اهو هر مسلمان جو ولي آهي . ان حديث کي امام ترمذي روايت ڪيوآهي ۽ چيائين تہ هي حديث حسن آهي .

**هيءَ حديث ستن ڪتابن ۾ موجود آهي**

1. ترمذي شريف، ابواب المناقب، باب مناقب علي بن أبي طالب،ج5ص 632 حديث نمبر: 3712،
2. ابن حبان، الصحيح،ج 15 ص 373، حديث نمبر: 6929،
3. حاڪم، المستدرڪ،ج 3 ص 119، حديث نمبر: 4579،
4. نسائي، السنن الڪبري،ج 5 ص 132، حديث نمبر: 8474،
5. ابن ابي شيبة ،المصنف،ج 6 ص 373، 372، حديث نمبر: 32121،
6. أبويعلي، المسند،ج 1 ص 293، حديث نمبر: 355،
7. طبراني، المعجم الڪبير،ج 18 ص 128، حديث نمبر: 265.

56. عَنْ عَمْرِو بْنِ مَيْمُوْنٍ عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ فِيْ رِوَايَةٍ طَوِيْلَةٍ وَ مِنْهَا عَنْهُ قَالَ : وَ قَالَ لَهُ رَسُوْلُ اللهِ صلى الله عليه وآله وسلم أَنْتَ وَلِيِّيْ فِيْ كُلِّ مُؤْمِنٍ بَعْدِيْ. رَوَاهُ أَحْمَدُ.

حضرت عمرو بن ميمون رضي الله عنه حضرت عبد الله بن عباس رضي الله عنهما کان هڪ طويل حديث ۾ روايت ڪري ٿو تہ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : اي علي!(ڪرم الله وجهہ) تون مون کان بعد هر مومن لاءِ منهنجو ولي آهين. ان حديث کي امام احمد روايت ڪيوآهي .

**هيءَ حديث هڪ ڪتاب ۾ موجود آهي**

1- أحمد بن حنبل، المسند،ج 1 ص 330، حديث نمبر: 3062.

57. عَنْ عَمَّارِ بْنِ يَاسِرٍ رضى الله عنه، قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صلى الله عليه وآله وسلم : أُوْصِي مَنْ آمَنَ بِي وَ صَدَّقَنِيْ بِوِلَايَةِ عَلِيِّ بْنِ أَبِي طَالِبٍ، مَنْ تَوَلَّاهُ فَقَدْ تَوَلَّانِي وَ مَنْ تَوَلَّانِي فَقَدْ تَوَلَّى اللهَ عزوجل وَ مَنْ أَحَبَّهُ فَقَدْ أَحَبَّنِي، وَ مَنْ أَحَبَّنِي فَقَدْ أَحَبَّ اللهَ عزوجل وَ مَنْ أَبْغَضَهُ فَقَدْ أَبْغَضَنِيْ وَ مَنْ أَبْغَضَنِي فَقَدْ أَبْغَضَ اللهَ عزوجل. رَوَاهُ الهيثمي فِي مَجْمَعِ الزَّوَائِدِ.

حضرت عمار بن ياسر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضور نبي اکرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو: جنهن مون تي ايمان آندو ۽ منهنجي تصديق ڪئي اُن کي مان ولايتِ علي (ڪرم الله وجهہ) جي وصيت ڪيان ٿو، جنهن اُنکي ولي ڄاتيو اُن مونکي ولي ڄاتيو ۽ جنهن مونکي ولي ڄاتيو اُن الله کي ولي ڄاتيو، ۽ جنهن علي رضي الله عنه سان محبت ڪئي اُن مون سان محبت ڪئي ، ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اُن الله سان محبت ڪئي ، ۽ جنهن علي (ڪرم الله وجهہ) سان بغض رکيو اُن مون سان بغض رکيو، ۽ جنهن مون سان بغض رکيواُن الله سان بغض رکيو. ان حديث کي هيثمي المجمع الزوائد ۾ روايت ڪيوآهي .

هيءَ حديث ٽن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. هيثمي، المجمع الزوائد،ج 9 ص 108، 109،
2. ابن عساکر، التاريخ الدمشق الکبير،ج 45 :ص 181، 182،
3. حسام الدين الهندي، کنز العمال،ج 11 ص 611، حديث نمبر: 32958

58. عَنِ ابْنِ بُرَيْدَةَ عَنْ أَبِيْهِ قَالَ فِي رِوَايَةٍ طَوِيْلَةٍ وَ مِنْهَا عَنْهُ قَالَ : مَا بَالُ أَقْوَامٍ يَنْتَقِصُوْنَ عَلِيًّا، مَنْ يَنْتَقِصُ عَلِيًّا فَقَدْ تَنَقَّصَنِيْ، وَمَنْ فَارَقَ عَلِيًّا فَقَدْ فَارَقَنِيْ، إِنَّ عَلِيًّا مِنِّيْ، وَأَنَا مِنْهُ، خُلِقَ مِنْ طِيْنَتِيْ وَ خُلِقْتُ مِنْ طِيْنَةِ إِبْرَاهِيْمَ، وَأَنَا أَفْضَلُ مِنْ إِبْرَاهِيْمَ، ذُرِّيَّةً بَعْضُهَا مِنْ بَعْضٍ وَاللهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ، . . . وَ إِنَّهُ وَلِيُّكُمْ مِنْ بَعْدِيْ، فَقُلْتُ : يَا رَسُوْلَ اللهِ! بِالصُّحْبَةِ أَلَا بَسَطْتَ يَدَکَ حَتَّى أُبَايِعَکَ عَلَى الْإِسْلَامِ جَدِيْدًا؟ قَالَ : فَمَا فَارَقْتُهُ حَتَّى بَايَعْتُهُ عَلَى الْإِسْلَامِ. رَوَاهُ الطَّبَرَانِيُّ فِي الْمُعْجَمِ الْأَوْسَطِ.

حضرت ابن بريده پنهنجي والد کان هڪ طويل روايت ۾ بيان ڪري ٿو تہ حضور نبي اکرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : انهن ماڻهن جو ڇا حال ٿيندو جيڪي علي (ڪرم الله وجهہ) جي شان ۾ گستاخي ڪن ٿا! (خبر دار) جيڪو علي (ڪرم الله وجهہ) جي گستاخي ڪري ٿو اُهو منهنجي گستاخي ڪري ٿو ۽ جيڪو علي (ڪرم الله وجهہ) کان جدا ٿيو اُهو مون کان جدا ٿي ويو . بيشڪ علي (ڪرم الله وجهہ) مون

ڪان آهي ۽ مان علي (ڪرم الله وجهه) ڪان آهيان ، اُن جي تخليق مون جي مٽي مان ٿي آهي ۽ منهنجي تخليق ابراهيم (عليہ سلام) جي مٽي مان ٿي آهي ، ۽ مان ابراهيم(عليہ سلام) ڪان افضل آهيان . اسان مان بعض بعض جو اولاد آهن. الله تعاليٰ اهي سڀ ڳالهيون ٻڌندڙ ۽ ڄاڻيندڙ آهي. . . .اهو (يعني علي ڪرم الله وجهه) مون ڪان بعد توهان سڀن جو ولي آهي . (بريده بيان ڪري ٿو تہ) مان عرض ڪيو : يا رسول الله!(صلي الله عليہ وسلم) ڪجهہ وقت عنايت فرمايو ۽ پنهنجو هٿ مبارڪ وڌايو، مان تجديدِ اسلام جي بيعت ڪرڻ چاهيان ٿو، (پوءِ) مان پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن کان جدا نہ ٿيم ايستائين جو مان اسلام تي (ٻيهر) بيعت ڪئي . ان حديث کي طبراني المعجم الاوسط ۾ روايت ڪيوآهي

هيءَ حديث ٻن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. طبراني، المعجم الاوسط،ج 6 ص 163، 162، حديث نمبر: 6085،
2. هيثمي، المجمع الزوائد،ج 9 ص 128.

59. عَنِ الْبَرَاءِ بْنِ عَازِبٍ رضى الله عنه، قَالَ : كُنَّا مَعَ رَسُوْلِ اللهِ صلى الله عليه وآله وسلم فِي سَفَرٍ، فَنَزَلْنَا بِغَدِيْرِ خُمٍّ فَنُوْدِيَ فِيْنَا الصَّلَاةَ جَامِعَةً وَ كُسِحَ لِرَسُوْلِ اللهِ صلى الله عليه وآله وسلم تَحْتَ شَجَرَتَيْنِ فَصَلَّيَ الظُّهْرَ وَ أَخَذَ بِيَدِ عَلِيٍّ، فَقَالَ : أَلَسْتُمْ تَعْلَمُوْنَ أَنِّيْ أَوْلَى بِالْمُؤْمِنِيْنَ مِنْ أَنْفُسِهِمْ؟ قَالُوْا : بَلَى، قَالَ : أَلَسْتُمْ تَعْلَمُوْنَ أَنِّيْ أَوْلَيَ بِكُلِّ مُؤْمِنٍ مِّنْ نَفْسِهِ؟ قَالُوْا : بَلَى، قَالَ : فَأَخَذَ بَيَدِ عَلِيٍّ، فَقَالَ : مَنْ كُنْتُ مَوْلَاهُ فَعَلِيٌّ مَوْلَاهُ، اللّٰهُمَّ! وَالِ مَنْ وَالَاهُ وَعَادِ مَنْ عَادَاهُ. قَالَ : فَلَقِيَهُ عمر رضى الله عنه بَعْدَ ذٰلِکَ، فَقَالَ لَهُ : هَنِيْئاً يَا ابْنَ أَبِيْ طَالِبٍ! أَصْبَحْتَ وَ أَمْسَيْتَ مَوْلَيَ كُلِّ مُؤْمِنٍ وَ مُؤْمِنَةٍ. رَوَاهُ أَحْمَدُ وَابْنُ أَبِيْ شَيْبَةَ.

حضرت براء بن عازب رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ اسان حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن سان سفر تي هيا سين، (رستي ۾) اسان وادي غدير خم ۾ قيام ڪيو. اتي نماز لاءِ آذان ڏني وئي

۽ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن لاءِ ٻن وڻن جي هيٺان صفائي ڪئي وئي پوءِ پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن ظهرجي نماز ادا ڪئي ۽ حضرت علي رضي الله عنه جن جو هٿ پڪڙي فرمايائون : ڇا توهان کي معلوم ناهي تہ مان سڀن مومنن کي پنهنجن جانن کان بہ وڌيڪ پياروآهيان؟ انهن عرض ڪيو: ڇونہ! پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : ڇا توهان کي معلوم ناهي تہ مان سڀن مومنن کي پنهنجن جانن کان بہ وڌيڪ پياروآهيان؟ انهن عرض ڪيو: ڇونہ! راوي چوي ٿو تہ پوءِ پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن حضرت علي رضي الله عنه جن جو هٿ پڪڙي فرمايو: جنهن جو مان مولا آهيان اُن جوعلي (ڪرم الله وجهہ) مولا آهي . اي الله! ان کي تون دوست رک جيڪو اِن (علي ڪرم الله وجهہ کي) دوست رکي ۽ اُن سان عداوت رک جيڪو اِن سان عداوت رکي. راوي چوي ٿو تہ ان کان بعد حضرت عمر رضي الله عنه حضرت علي رضي الله عنه جن سان ملاقات ڪئي ۽ اُنهن کي چيائين اي ابن ابي طالب! مبارڪ هجي توهان کي صبح و شام (يعني هميشه لاءِ) هر مومن مرد ۽ مومنہ عورت جا مولا ٿي ويو . ان حديث کي امام احمد ۽ ابن ابي شيبه روايت ڪيوآهي .

هيءَ حديث ٻن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. أحمد بن حنبل، المسند،ج 4 ص 281،
2. ابن أبي شيبة، المصنف،ج 12 ص 78، حديث نمبر: 12167.

**60.** عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ رضی الله عنه، قَالَ : مَنْ صَامَ يَوْمَ ثَمَانِ عَشَرَةَ مِنْ ذِي الْحَجَّةِ کُتِبَ لَهُ صِيَامُ سِتِّيْنَ شَهْرًا، وَ هُوَ يَوْمَ غَدِيْرِ خُمٍّ لَمَّا أَخَذَ النَّبِيُّ صلى الله عليه وآله وسلم بِيَدِ عَلِيِّ بْنِ أَبِي طَالِبٍ رضی الله عنه، فَقَالَ : أَلَسْتَ وَلِيَّ الْمُؤْمِنِيْنَ؟ قَالُوْا : بَلَی، يَا رَسُوْلَ اللهِ! قَالَ : مَنْ کُنْتُ مَوْلَاهُ فَعَلِيٌّ مَوْلَاهُ، فَقَالَ عُمَرُ بْنُ الْخَطَّابِ : بَخٍ بَخٍ لَکَ يَا ابْنَ أَبِي طَالِبٍ! أَصْبَحْتَ مَوْلَايَ وَ مَوْلَی کُلِّ مُسْلِمٍ، فَأَنْزَلَ اللهُ (اَلْيَوْمَ أَکْمَلْتُ لَکُمْ دِيْنَکُمْ)- رَوَاهُ الطَّبَرَانِيُّ فِي الْمُعْجَمِ الْأَوْسَطِ.

عمر رضي الله عنه ان جي طرف وڌيا ۽ ان جي گريبان کي پڪڙي ڪري فرمايائون : تون هلاڪ ٿي ! ڇا تون ڄاڻين ٿو هي ڪير آهي؟ اِهو منهنجو ۽ هر مومن جو مولا آهي (۽) جيڪو اِن کي پنهنجو مولا تسليم نٿو ڪري اُهو مومن ناهي . ان حديث کي محب الدين طبري روايت ڪيوآهي .

هيءُ حديث ٻن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. محب الدين أحمد الطبري،الرياض النضره في مناقب العشره،ج 3 ص 128
2. محب الدين احمد الطبري، ذخائر العقبي في مناقب ذوي القربي، :ص 126.

62. عَنْ عُمَرَ أَنَّهُ قَالَ : عَلِيٌّ مَوْلَى مَنْ كَانَ رَسُوْلُ اللّٰهِ مَوْلَاهُ. رَوَاهُ مُحِبُّ الدِّيْنِ أَحْمَدُ الطَّبَرِيُّ.

حضرت عمر رضي الله عنه جن فرمايو : حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جنهن جا مولا آهن علي رضي الله عنه ان جا مولا آهن . ان حديث کي محب الدين طبري روايت ڪيو آهي .

هيءُ حديث ٻن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. محب الدين أحمد الطبري،الرياض النضره في مناقب العشره،ج 3 ص 128
2. ابن عساكر، تاريخ دمشق الكبير،ج 45 ص 178.

63. عَنْ سَالِمٍ قِيْلَ لِعُمَرَ : إِنَّکَ تَصْنَعُ بِعَلِيٍّ شَيْئًا مَا تَصْنَعُهُ بِأَحَدٍ مِنْ أَصْحَابِ رَسُوْلِ اللهِصلى الله عليه وآله وسلم، قَالَ : إِنَّهُ مَوْلَايَ. رَوَاهُ مُحِبُّ الدِّيْنِ أَحْمَدُ الطَّبَرِيُّ.

حضرت سالم کان روايت آهي تہ حضرت عمر رضي الله عنه کان سوال ڪيو ويو( ڪهڙو وجهہ آهي جو) توهان حضرت علي رضي الله عنه جن سان اهڙو (امتيازي) برتاءُ ڪيو ٿا جيڪو توهان ٻين صحابه ڪرام رضي الله عنهم سان (عموماً) نٿا ڪيو؟ (ان تي ) حضرت عمر رضي الله عنه (جواباً) فرمايو : اُهو (علي ڪرم الله وجهہ) تہ منهنجو مولا (آقا) آهي. ان حديث کي محب الدين طبري روايت ڪيو آهي .

هيءُ حديث ٻن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. محب الدين أحمد الطبري،الرياض النضره في مناقب العشره،ج 3 ص 128
2. ابن عساكر، تاريخ دمشق الكبير،ج 45 ص 178.

64. عَنْ سَعْدٍ قَالَ : لَمَّا سَمِعَ أَبُوْبَكْرٍ وَ عُمَرُ ذَلِکَ (حَدِيْثَ الْوِلايَةِ) قَالَا : أَمْسَيْتَ يَا بْنَ أَبِي طَالِبٍ؟ مَوْلَيَ كُلِّ مُؤْمِنٍ وَمُؤْمِنَةٍ. رَوَاهُ الْمُنَاوِيُّ.

حضرت سعد رضي الله عنه بيا ن ڪري ٿو تہ جڏھن حضرت ابوبڪر صديق ۽ عمر بن خطاب رضي الله عنهما جن حديث ولايت ٻڌي تہ حضرت علي رضي الله عنه جن کي چوڻ لڳا (مبارڪ ھجي توھان کي)اي ابن ابي طالب!(ڪرم الله وجهہ) توھان ھر مومن مرد ۽ مومن عورت جا مولا ٿي ويو. ان حديث کي مناوي روايت ڪيو آھي .

ھيءُ حديث ھڪ ڪتاب ۾ موجود آھي

1- مناوي، فيض القدير،ج 6 ص 218.

65. عَنْ حُبْشِيِّ بْنِ جُنَادَةَ، قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صلى الله عليه وآله وسلم عَلِيٌّ مِنِّي وَأَنَا مِنْ عَلِيٍّ، وَلا يُؤَدِّيْ عَنِّيْ إِلَّا أَنَا أَوْ عَلِيٌّ. رَوَاهُ التِّرْمَذِيُّ . وَقَالَ. هَذَا حَدِيْثٌ حَسَنٌ صَحِيْحٌ.

حضرت حبشي بن جناده رضي الله عنه کان روايت آهي أهو چوي ٿو تہ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايوعلي رضي الله عنه مون کان ۽ مان علي رضي الله عنه کان آھيان ۽ منهنجي طرف کان (عهد و نقض ۾) منهنجي ۽ علي رضي الله عنه جي سواءِ ڪوئي ٻيو (ذميداري) ادا نٿو ڪري سگھي . ان حديث کي امام ترمذي روايت ڪيوآھي ۽ چيائين تہ ھي حديث حسن صحيح آھي .

ھيءُ حديث ڇهن ڪتابن ۾ موجود آھي

1. ترمذي شريف، ابواب المناقب، باب مناقب علي بن أبي طالب،ج 5 ص 636، حديث نمبر: 3719،
2. ابن ماجہ، السنن، مقدمہ، باب فضائل أصحاب الرسول، فضل علي بن أبي طالب،ج 1 ص 44، حديث نمبر: 119،
3. أحمد بن حنبل، المسند ج 4 ص 165،
4. ابن أبي شيبہ، المصنف،ج 6 ص 366، حديث نمبر: 32071،
5. طبراني، المعجم الكبير،ج 4 ص 16، حديث نمبر: 3511،
6. شيباني، الآحاد والمثاني،ج 3 ص 183، حديث نمبر: 1514.

**66.** عَنِ ابْنِ عُمَرَ، قَالَ : آخَى رَسُوْلُ اللهِ صلى الله عليه وآله وسلم بَيْنَ أَصْحَابِهِ فَجَاءَ عَلِيٌّ تَدْمَعُ عَيْنَاهُ، فَقَالَ : يَا رَسُوْلَ اللهِ آخَيْتَ بَيْنَ أَصْحَابِکَ وَلَمْ تُؤَاخِ بَيْنِي وَ بَيْنَ أَحَدٍ، فَقَالَ لَهُ رَسُوْلُ اللهِ صلى الله عليه وآله وسلم : أَنْتَ أَخِيْ فِي الدُّنْيَا وَالآخِرَةِ. رَوَاهُ التِّرْمِذِيُّ. وَ قَالَ هَذَا حَدَيْثٌ حَسَنٌ. وَفِي الْبَابِ عَنْ زَيْدِ بْنِ أَبِي أَوْفَى.

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي ته جڏهن حضور نبي اکرم صلي الله عليه وآله وسلم جن انصار ۽ مهاجرين جي درميان اخوت قائم ڪئي ته حضرت علي رضي الله عنه جن روئيندا آيا ۽ عرض ڪيائون يا رسول الله!(صلي الله عليہ وسلم) پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن صحابه ڪرام ۾ ڀائپي چارو قائم فرمايو ليڪن مونکي ڪنهن جو ڀاءُ نه بڻايو. پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو: تون دنيا و آخرت ۾ منهنجو ڀاءُ آهين ان حديث کي امام ترمذي روايت ڪيوآهي ۽ چيائين : ته هيءَ حديث حسن آهي ۽ انهي باب ۾ حضرت زيد بن ابي اوفي رضي الله عنه کان به روايت آهي .

هيءَ حديث ٻن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. ترمذي شريف، ابواب المناقب، باب مناقب علي بن أبي طالب، ج5 ص 636، حديث نمبر: 3720،
2. حاكم ،المستدرک علي الصحيحين،ج 3 ص 15، حديث نمبر: 4288.

**67.** عَنْ سَعْدِ بْنِ أَبِيْ وَقَّاصٍ، قَالَ : خَلَّفَ رَسُوْلُ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم عَلِيَّ بْنَ أَبِي طَالِبٍ، فِيْ غَزْوَةِ تَبُوْکَ. فَقَالَ : يَارَسُوْلَ اللهِ أَ تُخَلِّفُنِيْ فِيْ النِّسَاءِ وَالصِّبْيَانِ؟ فَقَالَ أَمَا تَرْضَي أَنْ تَکُوْنَ مِنِّي بِمَنْزِلَةِ هٰرُوْنَ مِنْ مُوْسَي؟ إِلَّا أَنَّهُ لَا نَبِيَّ بَعْدِيْ. مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ وَ هَذَا لَفْظُ مُسْلِمٍ.

حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه بيان ڪري ٿو ته حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن غزوهٔ تبوڪ جي موقع تي حضرت علي رضي الله عنه جن کي مديني پاڪ ۾ ڇڏيو، حضرت علي رضي الله عنه جن عرض ڪيو : يا رسول الله!(صلي الله عليہ وسلم) ڇا

توهان مونکي عورتن ۽ ٻارن ۾ پوئتي ڇڏي وڃي رهيا آهيو؟ پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : ڇا تون ان ڳالهه تي راضي ناهين تہ مون سان تنهنجي اها نسبت هجي جيڪا حضرت هارون عليه السلام جي حضرت موسيٰ عليه السلام سان هئي البتہ مونکان بعد ڪوئي نبي نہ ٿيندو. هيءُ حديث متفق عليه آهي .

هيءُ حديث ڇهن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. صحيح البخاري شريف ، کتاب المغازي، باب غزوة تبوک وهي غزوة العسرة،ج 4 ص 1602، حديث نمبر: 4154،
2. صحيح المسلم شريف ، کتاب فضائل الصحابة، باب من فضائل عثمان بن عفان،ج 4 ص 1871، 1870، حديث نمبر: 2404،
3. ترمذي شريف ، کتاب المناقب، باب مناقب علي بن أبي طالب،ج 5 ص 638، حديث نمبر: 3724،
4. أحمد بن حنبل، المسند،ج 1 ص 185، حديث نمبر: 1608،
5. ابن حبان، الصحيح،ج 15 ص 370، حديث نمبر: 6927،
6. بيهقي، السنن الکبريٰ،ج 9 ص 40.

**68.** عَنْ أَبِيْ سَعِيْدٍ، قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم لِعَلِيٍّ يَاعَلِيُّ لَا يَحِلُّ لِأَحَدٍ يُجْنَبُ فِيْ هَذَا الْمَسْجِدِ غَيْرِيْ وَ غَيْرِکَ. قَالَ عَلِيُّ بْنُ الْمُنْذِرِ : قُلْتُ لِضَرَارِ بْنِ صُرَدَ : مَا مَعْنَي هَذَا الحديث؟ قَالَ : لاَ يَحِلُّ لِأَحَدٍ يَسْتَطْرِقُهُ جُنُباً غَيْرِيْ وَغَيْرِکَ. رَوَاهُ التِّرْمِذِيُّ. وَقَالَ هَذَا حَدِيْثٌ حَسَنٌ.

حضرت ابوسعيد رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضور نبي اکرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : اي علي!(ڪرم الله وجهہ) منهنجي ۽ تنهنجي علاوه ڪنهن جي لاءِ بہ جائز ناهي تہ حالت جنابت ۾ هن مسجد ۾ رهي . علي بن منذر چوي ٿو تہ مان ضرار بن صرد کان ان جي معنيٰ پڇي تہ انهن فرمايو: ان مان مراد مسجد کي بطور رستي جي استعمال ڪرڻ آهي . ان حديث کي امام ترمذي روايت ڪيوآهي ۽ چيائين تہ هيءُ حديث حسن آهي .

هيءُ حديث ٻئن ڪتابن ۾ موجود آهي

1- ترمذي شريف، ابواب المناقب، باب مناقب علي،ج 5 ص 639، حديث نمبر: 3727،
2- بزار، المسند،ج 4 ص 36، حديث نمبر: 1197،

3- أبو يعلي، المسند، ج 2ص 311، حديث نمبر: 1042،
4- بيهقي، السنن الكبرىٰ،ج 7 ص65، حديث نمبر: 13181.

.69 عَنْ أُمِّ عَطِيَّةَ قَالَتْ : بَعَثَ النَّبِيُّ صلي الله عليه وآله وسلم جَيْشًا فِيْهِمْ عَلِيٌّ قَالَتْ : فَسَمِعْتُ النَّبِيَّ صلي الله عليه وآله وسلم وَهُوَ رَافِعٌ يَدَيْهِ يَقُوْلُ : اَللّٰهُمَّ لَا تُمِتْنِيْ حَتَّي تُرِيَنِيْ عَلِيًّا. رَوَاهُ التِّرْمِذِيُّ. وَقَالَ هَذَا حَدِيْثٌ حَسَنٌ.

حضرت امِ عطيه رضي الله عنها فرمائي ٿي تہ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن هڪ لشڪر موڪليو ان ۾ حضرت علي رضي الله عنه بہ هيو مان حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن کي ڏٺو تہ پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم هٿ کڻي دعا گهري رهيا آهن تہ يا الله مونکي ان وقت تائين موت نہ ڏجاءِ جيستائين مان علي (ڪرم الله وجهہ)کي (واپس بخيرو عافيت) نہ ڏسان ، ان حديث کي امام ترمذي روايت ڪيوآهي ۽ چيائين تہ هيءُ حديث حسن آهي .

هيءُ حديث چئن ڪتابن ۾ موجود آهي

1- ترمذي شريف، ابواب المناقب، باب مناقب علي،ج 5 ص 643، حديث نمبر: 3737،
2- طبراني ،المعجم الڪبير،ج 25 ص 68، حديث نمبر: 168،
3- طبراني ،المعجم الاوسط،ج 3 ص 48، حديث نمبر: 2432،
4- أحمد بن حنبل ،فضائل الصحابة،ج 2 ص 609، حديث نمبر: 1039.

.70 عَنْ حَنَشٍ قَالَ : رَأَيْتُ عَلِيًّا رضي الله عنه يُضَحِّيْ بِكَبْشَيْنِ فَقُلْتُ لَهُ : مَا هَذَا؟ فَقَالَ : أَوْصَانِيْ رَسُوْلُ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم أَنْ أُضَحِّيَ عَنْهُ فَأَنَا أُضَحِّيَ عَنْهُ. رَوَاهُ أَبُوْدَاوُدَ.

حضرت حنش رضي الله عنه بيان ڪري ٿو تہ مان حضرت علي رضي الله عنه جن کي ٻن گهيٽن جي قرباني ڪندي ڏٺو تہ مان سندن کان پڇيو هي ڇا آهي؟ انهن جواب ڏنو تہ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن مونکي وصيت فرمائي هئي تہ مان سندن جي طرفان بہ

قرباني ڪيان لهٰذا مان انهن جي طرفان قرباني ڪيان ٿو . ان حديث کي امام ابوداود روايت ڪيوآهي .

هيءُ حديث ٻن ڪتابن ۾ موجود آهي

1- أبوداؤد ، السنن، كتاب الضحايا، باب الاضحية عن الميت، ج3 ص 94، حديث نمبر: 2790،
2- أحمد بن حنبل ،المسند، ج1 ص 150، حديث نمبر: 1285.

71. عَنِ ابْنِ نُجَيٍّ قَالَ : قَالَ عَلِيٌّ : كَانَ لِي مِنْ رَسُوْلِ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم مَدْخَلاَنِ : مَدْخَلٌ بِاللَّيْلِ وَمَدْخَلٌ بِالنَّهَارِ، فَكُنْتُ إِذَا دَخَلْتُ بِاللَّيْلِ تَنَحْنَحَ لِي. رَوَاهُ النَّسَائِيُّ وَ ابْنُ مَاجَةَ.

حضرت عبدالله بن نجي رضي الله عنه فرمائي ٿو ته حضرت علي رضي الله عنه جن فرمايو : ته مان ڏينهن رات ۾ ٻه مرتبه حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي بارگاهِ اقدس ۾ حاضرٿيندوهيس . جڏهن مان پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن جي خدمت اقدس ۾ رات جي وقت حاضر ٿيندو هيس (۽ پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم نماز ادا فرمائيندا هيا) ته پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم مونکي اجازت عنايت فرمائڻ لاءِ کنگهندا هئا . ان حديث کي نسائي ۽ ابن ماجه روايت ڪيوآهي .

هيءُ حديث چئن ڪتابن ۾ موجود آهي

1- نسائي ،السنن، كتاب السهو، باب التنحنح في الصلاة، ج3 ص 12،حديث نمبر: 1212،
2- ابن ماجة ،السنن، كتاب الادب، باب الاستئذان، ج 2 ص 1222،حديث نمبر: 3708،
3- نسائي ،السنن الكبرئ، ج 1 ص 360، حديث نمبر: 1136،
4- ابن أبي شيبة ،المصنف، ج 5 ص 242، حديث نمبر: 25676.

72. عَنْ أُمِّ سَلَمَةَ قَالَتْ : كَانَ رَسُوْلُ اللهِ إِذَا غَضِبَ لَمْ يَجْتَرِئْ أَحَدٌ مِنَّا أَنْ يُكَلِّمَهُ إِلاَّ عَلِيٌّ. رَوَاهُ الطَّبَرَانِيُّ فِيْ الْمُعْجَمِ الأَوْسَطِ وَالْحَاكِمُ.وَ قَالَ هَذَا حَدِيْثٌ صَحِيْحُ الإِسْنَادِ.

حضرت ام المومنين ام سلمه رضي الله عنها کان روايت آهي ته بيشڪ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جڏهن ناراضگي جي عالم ۾ هوندا هيا ته اسان مان پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وآله وسلم جن

سان سواءِ حضرت علي رضي الله عنه جي ڪنهن ڪي بہ ڪلام ڪرڻ جي جرات نہ ٿيندي هئي . ان حديث کي طبراني "المعجم الڪبير" ۾ ۽ حاڪم مستدرڪ ۾ روايت ڪيوآهي ۽ چيائين تہ هي حديث صحيح الاسناد آهي .

هيءَ حديث ٽن ڪتابن ۾ موجود آهي

1- طبراني، المعجم الاوسط، ج4 ص 318، حديث نمبر: 4314،
2- حاڪم، المستدرڪ،ج 3 ص 141، حديث نمبر: 4647،
3- هيثمي، المجمع الزوائد،ج 9 ص 116.

73. عَنْ عَبْدِاللهِ بْنِ نُجَيِّ قَالَ : قَالَ عَلِيٌّ : كَانَتْ لِيْ سَاعَةٌ مِنَ السَّحَرِ أَدْخُلُ فِيْهَا عَلَي رَسُوْلِ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم فَإِنْ كَانَ قَائِمًا يُصَلِّيْ سَبَّحَ بِيْ فَكَانَ ذَاکَ إِذْنُهُ لِيْ. وَ إِنْ لَمْ يَكُنْ يُصَلِّيْ أَذِنَ لِي. رَوَاهُ أَحْمَدُ.

حضرت عبدالله بن نجي رضي الله عنه بيان ڪري ٿو تہ حضرت علي رضي الله عنه جن فرمايو: سحري جي وقت هڪ اهڙي گهڙي هئي جنهن ۾ مونکي حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي بارگاه اقدس ۾ حاضر ٿيڻ نصيب ٿيندو هيو. پوءِ اگر پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم نماز پڙهڻ لاءِ بيٺا هوندا هيا تہ مونکي ٻڌائڻ لاءِ تسبيح فرمائيندا هيا پوءِ اها مون لاءِ اجازت هئي ۽ اگر پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم نماز نہ پڙهندا هُيا تہ مونکي اجازت عنايت فرمائيندا هُئا . ان حديث کي احمد بن حنبل روايت ڪيوآهي .

هيءَ حديث هڪ ڪتاب ۾ موجود آهي

1- أحمد بن حنبل، المسند،ج 1 ص 77، حديث نمبر: 570

74. عَنْ عَبْدِاللهِ بْنِ نُجَيِّ الْحَضْرَمِيِّ عَنْ أَبِيْهِ فِيْ رِوَايَةٍ طَوِيْلَةٍ وَ فِيْهَا عَنْهُ قَالَ : قَالَ لِيْ عَلِيٌّ : كَانَتْ لِيْ مِنْ رَسُوْلِ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم مَنْزِلَةٌ لَمْ تَكُنْ لِأَحَدٍ مِنَ الخَلَائِقِ، ..... رَوَاهُ أَحْمَدُ.

حضرت عبدالله بن نجي الحضرمي رضي الله عنه پنهنجي والد
کان هڪ طويل روايت ۾ بيان ڪري ٿو تہ مونکي حضرت علي رضي الله
عنه جن فرمايو: حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي
بارگاه اقدس ۾ منهنجو هڪ خاص مقام ۽ مرتبو هيو جيڪو مخلوقات
مان ٻئي ڪنهن کي بہ حاصل نہ هيو. ان حديث کي احمد بن حنبل روايت
ڪيوآهي .

هيءَ حديث ٽن ڪتابن ۾ موجود آهي

1. أحمد بن حنبل، المسند،ج 1 ص85، حديث نمبر: 647،
2. بزار، المسند،ج 3 ص 98، حديث نمبر: 879،
3. مقدسي، الأحاديث المختارة،ج 2 ص 374، حديث نمبر: 757.

75. عَنْ جَعْفَرِ بْنِ مُحَمَّدٍ عَنْ أَبِيْهِ قَالَ : عَلِيٌّ رضي الله عنه : بِتْنَا لَيْلَةً بِغَيْرِ عَشَاءٍ، فَأَصبَحْتُ فَخَرَجْتُ ثُمَّ رَجَعْتُ إِلَي فَاطِمَةَ عليها السلام. وَهِيَ مَحْزُوْنَةٌ فَقُلْتُ : مَا لَکِ؟ فَقَالَتْ : لَمْ نَتَعَشَّ البَارِحَةَ وَلَمْ نَتغَدَّ الْيَوْمَ، وَلَيْسَ عِنْدَنَا عَشَاءٌ، فَخَرَجْتُ فَالْتَمَسْتُ فَأَصَبْتُ مَا اشْتَرَيْتُ طَعَامًا وَلَحْمًا بِدِرْهَمٍ، ثُمَّ أَتَيْتُهَا بِهِ فَخَبَزَتْ وَطَبَخَتْ، فَلَمَّا فَرَغَتْ مِنْ إِنْضَاجِ الْقِدْرِ قَالَتْ : لَوْ أَتَيْتَ أَبِيْ فَدَعَوْتَهُ، فَأَتَيْتُ رَسُوْلَ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم وَهُوَ مُضْطَجِعٌ فِي الْمَسْجِدِ وَهُوَ يَقُوْلُ : أَعُوْذُ بِاللهِ مِنَ الْجُوْعِ ضَجِيْعًا، فَقُلْتُ : بِأَبِيْ أَنْتَ وَأُمِّيْ يَارَسُوْلَ اللهِ، عِنْدَنَا طَعَامٌ فَهَلُمَّ، فَتَوَكَّأَ عَلَيَّ حَتَّي دَخَلَ وَالْقِدْرُ تَفُوْرُ فَقَالَ : اغْرِفِيْ لِعَائِشَةَ فَغَرَفَتْ فِي صَحْفَةٍ، ثُمَّ قَالَ : اغْرِفِي لِحَفْصَةَ فَغَرَفَتْ فِي صَحْفَةٍ، حَتَّي غَرَفَتْ لِجَمِيْعِ نِسَائِهِ التِسْعِ، ثُمَّ قَالَ : اغْرِفِي لِأَبِيْکِ وَ زَوْجِکِ فَغَرَفَتْ فَقَالَ : اغْرِفِي فَكُلِيْ فَغَرَفَتْ، ثُمَّ رَفَعَتِ الْقِدْرَ وَإِنَّهَا لَتَفِيْضُ، فَأَكَلْنَا مِنْهَا مَاشَاءَ اللهُ. رَوَاهُ ابْنُ سَعْدٍ فِي الطَّبَقَاتِ الْكُبْرَى.

امام جعفر بن محمد الباقر رضي الله عنه پنهنجي والد سائين
کان روايت ڪن ٿا تہ حضرت علي رضي الله عنه جن فرمايو : اسان هڪ

رات بغير شام جي کاڌي جي گزاري پوءِ مان صبح جي وقت گهر کان نڪري ويس جڏهن مان فاطمه سلام الله عليها جي طرف موٽيس ته اهي تمام زياده پريشان هيون مان چيو اي فاطمه (سلام الله عليها) ڇا ڳالهه آهي؟ انهن چيو ته اسان گذريل رات کاڌو نه کاڌو ۽ اڄ منجهند جو کاڌو به نه کاڌو وري اڄ رات جي کائڻ لاءِ ڪجهه ناهي پوءِ مان ٻاهر نڪتس ۽ کائڻ لاءِ ڪائي شيءِ تلاش ڪرڻ لڳس مان اُها شيءِ لڌي جنهن سان مان ڪجهه طعام ۽ هڪ درهم جي بدلي ڪجهه گوشت خريد ڪري سگهان پوءِ مان اهي شيون وٺي ڪري فاطمه (سلام الله عليها) وٽ آيس ، ان اٽو ڳوهيو ۽ کاڌو تيار ڪيو ۽ جڏهن پاڻ هنڌي پچائڻ کان فارغ ٿيون ته چوڻ لڳيون اگر توهان منهنجي والد ماجد کي به سڏي اچو؟ پوءِ مان ويس ته حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن مسجد ۾ سُتل هئا ۽ فرمائي رهيا هُيا ته اي الله! مان خالي پيٽ سمهڻ کان پناه گهران ٿو مان عرض ڪيو يا رسول الله! منهنجا ماءُ ۽ پيءُ توهان تي قربان ٿين اسان وٽ کاڌو موجود آهي پاڻ تشريف فرمائن . پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم منهنجو سهارو وٺي اُٿيا ۽ اسان جي گهر ۾ داخل ٿيا .ان وقت هنڌي اُبري رهي هئي حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن حضرت فاطمه رضي الله عنها کي فرمايو : اي فاطمه!(سلام الله عليها) عائشه (رضي الله عنها) جي لاءِ ڪجهه ٻوڙ رکي ڇڏ پوءِ فاطمه (سلام الله عليها) هڪ پليٽ ۾ انهيءَ لاءِ ٻوڙ ڪڍيو. پوءِ پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : حفصه جي لاءِ به ڪجهه ٻوڙ رکي ڇڏ پوءِ ان هڪ پليٽ ۾ انهيءَ لاءِ ٻوڙ ڪڍيو ايستائين جو ان پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جي نوَن ازواج مطهراة لاءِ ٻوڙ رکي ڇڏيو پوءِ پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو : پنهنجي والد ۽ مڙس لاءِ ٻوڙ ڪيو پوءِ ان ڪڍيو پوءِ فرمايائون : پنهنجي لاءِ ٻوڙ ڪيو ۽ کائو. ان ايئن ڪيو پوءِ ان هنڌي کي ڪڍي ڏٺو ته اها ڀريل هئي پوءِ اسان ان مان کاڌو جيترو الله چاهيو . ان حديث کي ابن سعد ”الطبقات الڪبريٰ“ ۾ بيان ڪيو آهي. (سبحان الله)

هيءَ حديث هڪ ڪتاب ۾ موجود آهي

1- ابن سعد، الطبقات الڪبريٰ،ج 1 ص 187.

76. عَنْ بُرَيْدَةَ قَالَ : كَانَ أَحَبَّ النِّسَاءِ إِلَي رَسُوْلِ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم فَاطِمَةُ وَمِنَ الرِّجَالِ عَلِيٌّ. رَوَاهُ التِّرمِذِيُّ. وَقَالَ هَذَا حَدِيْثٌ حَسَنٌ.

حضرت بريدة رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن کي عورتون ۾ سڀ کان زياده پياري پنهنجي صاحبزادي حضرت فاطمه رضي الله عنها هيون ۽ مردن ۾ سڀ کان زياده پيارا حضرت علي رضي الله عنه هيا. ان حديث کي ترمذي روايت ڪيوآهي ۽ چيائين تہ هي حديث حسن آهي .

هيءَ حديث ٽن ڪتابن ۾ موجود آهي

1- ترمذي شريف، ابواب المناقب، باب فضل فاطمة بنت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم، ج 5 ص 698، حديث نمبر: 3868،

2- طبراني، المعجم الاوسط، ج 8 ص 130، حديث نمبر: 7258،

3- حاڪم، المستدرڪ، ج 3 :ص 168، حديث نمبر: 4735.

